# اِشاعت جو ڇٽيهون سال


Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani
Sub Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا- ١٤١

ايڊيٽر : لڪمي کلاڻي

سب ايڊيٽر : مکيش تلوڪاڻي

**Year-36** سال : ٣٦

في انڪ : ٤٠ رپيا

**Price Rs. 40/=**
**Annual Subscription Rs. 400/=**
**Life Subscription Rs. 4000/=**

**Vol-141** اَنڪ : ١٤١

**(Jan. - March 2014)**

جنوري - مارچ ٢٠١٤

ڀارت کان ٻاهر :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

ڀاران : انڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي



**P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205**
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org




# سلسلو


اَسانجي طرفان ٢؛ ڪويتا - ’آڌ ڪان‘ / اَرجن حاسد ٥؛ غزل / لڪشمڻ ڏُٻي ٦؛ غزل، جاڙا غزل / گوپ ڪمل ٧؛ غزل، ڪويتا-فرياد،نظم - ’اصل پارتواسي‘ / گوپ گولاڻي ٩؛ غزل، وائي / کيمن مولاڻي ١٢؛ غزل / زبير سومرو ١٦؛ غزل / گوبند ريجهواڻي ١٧؛ شرڌانجلي - گوپال نکر هڪ سنو اديب، هڪ قربدار دوست / بنسي کوبچنداڻي ١٨؛ ليک - سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ جي شخصيت ۽ فن / آر. ايم. هري ٢١؛ ڪهاڻي - پتي پتنيِ / اَرجن حاسد ٢٨؛ ڪهاڻي - واپسي / لکمي کلاڻي ٣٦؛ ليک - هريش واسواڻي - هڪ اعليٰ اديب - هڪ يگانو رچناڪار / ستيش روهڙا ٤٣؛ ليک - ٢٢ نومبر ١٩٤٠ -ڪهاڻيڪار هريش واسواڻي / مدد علي سنڌي ٤٨؛ سمالوچنا - ’رستي جو فانوس‘ آزاد نظمن جو سنگره - شاعر واسديو نرمل / گيتا بندراڻي ٥٧؛ ڪٽ جي ڪٽ - ’ليڪا‘ / اَرجن حاسد ٦٠؛ قدر شناسي /موتي پرڪاش ٦٨؛ توهان طرفان -٧٠؛

# ماڻھوءَ ۽ مِروَنءَ ۾ فرق

صوفي سنگيت روح جي خوراڪ آھي. ڳايڪ ڪلاڪار سالن جا سال سُرن جي ساڌنا ڪريٿو. سنگيت ھن لاءِ عبادت آھي. راڳ ذريعي ھو پنھنجو راڻ ريجھائيٿو، مالڪ سان ملي ھڪ ٿي وڃيٿو.

آتما پرماتما جو ئي انش آھي. اُھي ٻہ ٽا سڏيا وڃن، پر آھن ھڪ ئي، جن ڪي جزو ۽ ڪُل ٻہ ڪونيو ٿو وڃي.

پڙاڏو سو سڏُ ورورائيءَ جو جي لھين؛ ھئا اڳھين ڳڏُ، پڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ رڳو آپي يا خوديءَ جو پردو آھي. جي اھو پردو ھٽي وڃي تہ انسان خود خدا بڻجي ٿو وڃي.

ڪين مائيندا من ۾ خودي ۽ خدا

ٻن ترارن جاءِ، ناھہ ھڪ مياڻ ۾.

ھرھڪ جيو جي ساڌنا يا رياض، پنھنجي ھن آپي يا خوديءَ ڪي ترڪ ڪرڻ لاءِ آھي، جئن ھو پنھنجي 'مان' سان ساڪياتڪار ڪري سگھي، پاڻ ڪي پائي سگھي، پنھنجي صحيح سڃاڻپ حاصل ڪري سگھي.

صوفي مت جو اھو ئي آڌار آھي. ھرڪو طالب پنھنجي ذڪر ۽ فڪر ذريعي خود مطلوب بڻجي ٿو وڃي. ھن ڪائنات ۾ پنھنجي وجود ڪي سڃاڻي، اُن جي صحيح ڪٿ ڪري، جيئن ھو پاڻ ڪي 'اناالحق' چوائي سگھي. اھو ئي ھزارن سالن کان ويدانت ۾ آيل 'اھم برھم اسمي' جي وائيءَ جو پڙاڏو آھي. شاعر ورورانسان ڪي سندس اصلوڪي سروپ جي ياد ڏيارين ٿا تہ ھو خود خدا آھي. اَڄ

پنهنجي ناداني سبب هو پنهنجي اُن سنگهاسن تان دستبردار ٿي ويو آهي.

وهمِ ورساياس، نات پنهون، آئون پاڻ هئي،

ڪيس پنهنجي عمل ذريعي، وري پيهر خدا بڻجڻو آهي :

سوئي ڪم ڪريجي، جس وچ الله آپ بڻيجي

اَڄ جي هستيوادي مفڪرن انسان کي پنهنجي شينهن واري حيثيت کي وساري، رڍن ٻڪرين جي ڌڻ (ڀيڙ) واري خسيسپڻي جي زندگي گهاريندو ڏسي اُن کي اَرَت هيڻ، بي معنيٰ سڏيو آهي. اَهڙي زندگي سچ پچ جيئڻ جي قابل ئي ناهي. ڪير ڪيگاد ۽ شاپنهر جهڙن فيلسوفن انسان جي اهڙي قياس جوڳي حالت ڏسي کيس سندس هن غلاميءَ جي ڀرم (Illusion) مان آجو ڪري کيس پنهنجي مالڪ هئڻ واري اصليت جو احساس ڪرائڻ ٿي چاهيو. ڪير ڪيگاد جي لفظن ۾ :

We have lost the capacity of subjectivity and it is the task of philosophy to rediscover it for us.

فلسفي سان گڏ هر ڌرم مذهب جو بہ شروع کان ئي اهو هڪ ئي ساڳيو مقصد رهيو آهي، منش (آتما) کي سندس پرماتما جو انش هئڻ جو احساس ڪرائڻ. اهو جزو ئي ڪُل آهي، وحدت ئي ڪثرت آهي.

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل.

ان وحدت الوجود جو پيروڪٽي، هر انسان کي پاڻ سڃاڻي، هن ڪائنات ۾ پنهنجي برتريءَ جو وڃايل تخت ۽ تاج وري حاصل ڪرڻو آهي.

سنگيت، ساهتيہ، ڪلا جي ساڌنا، پاڻ کي پائڻ، سڃاڻڻ جو هڪ نهايت ئي ڪارگر ذريعو آهي. نرتڪار نرت ڪندي پاڻ نرت بڻجي ٿو وڃي. Dancer becomes the Dance ۽ گايڪ ڪلاڪار سنگيت جي سُر لهريءَ تي پاڻ سنگيت ٿو بڻجي وڃي. صوفياڻي سماع ۾ نچندي، ڳائيندي وڄائيندي

هن مٿان وجداني ڪيفيت طاري ٿي وڃيٿي. هن الاهي موج مستيءَ جي عالم ۾ هن سان گڏ پڌندڙن جا روح به بلند پروازيءَ کي ڇهن ٿا.

هتان ڪٽي هُت، جن رکيو سي رسيون،

ساجن سونهن سُرت، وکان ٿي ويجهو گهٽو.

پرڀو، ايشور، مالڪ، پرماتما جي هن ڪان ٻي ڪا بهتر تشريح (وياکيا) ٿي نٿي سگهي.

پرم - آتما = سونهن (Beauty) ۽ سُرت (Consciousness-truth)

منش کي پنهنجي پسون ورتيءَ مان مٿي اُسري جي ماڻهو بڻجڻو آهي ته کيس انهن للت ڪلائن ۽ سوکيم ڪلائن جي ساڌنا ڪرڻي پوندي. راجا ڀرتريءَ جو هيءُ سنسڪرت شلوڪ بيحد چاتل سڃاتل آهي :

ساهتيه سنگيت، ڪلا وهيڻ

ساکيات پشو پُڇ وشڻ هيڻ.

جنهن منش کي سنگيت، ساهتيه ڪلا لاءِ چاهه ناهي، اُهو بنان پُڇ ۽ سڱن وارو ساکيات پشو آهي.

ڪلا اِنسان کي گهڙي تراشي، سندس ويچار، وهنوار ۽ رُچيءَ کي Refined ڪري سڀيه پرش بڻائي ٿي.

## مبارڪون



شري نامديو تاراچندائيءَ کي سندس پستڪ منش نگري (ڪوتا - 2011) تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ طرفان سال 2012 لاءِ انعام عطا ٿيڻ تي.

**سنڌالاجي پريوار**



ڪويتا / اَرجن حاسد

# ’آد ڪان‘

ٻوڙها اُڳهي اُڳهي سمهي پيسِ
ننڊ اَچي ويئي
ٻَهِپيءَ ڪاڏِي آهيان
مميءَ سپ ٻڌو پئي
اَلائي چا تي اَٽڪيا هئاسين
هنجو ٽفن ميز تي سَٽي
هلي آئي هيسِ پنهنجي ڪمري ۾
هونءَ ويندو آهي تہ
در تائين وڃي وِش ڪندي آهيانسِ
رومال ڏيانسِ تہ آڱر پڪڙي وٺي
روز نوان نوان ٽي پوندا آهيون.

ايترو پڌو هيم
مميءَ چيو هوس

ٽفن چو تو وساري وڃين
اُهو تہ ڪڻ
وٽ مان ٽي ڪٽي ڏيانءِ
روٽيءَ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو
تيسي ڪاڏو آهين.

منجهند جو اَچي مميءَ اُٿاريو
اُٿ پٽ تي ڳڏجي ڳرَهُہ ڪائي وٺون
زال مڙس تہ ائين هوندا آهن
رات جو وري اهڙي جو اهڙا
اِهي ئي تہ مزا آهن
آدِ ڪان اِهي ئِي دستوُر آهن.

68, Neel Kanth Bunglows -1,
Near Mother Dairy,
P.O. BHAT. Dist. - 382428
(Gujarat)



## غزل / لڪشمڻ دُبي

هُئُس ماڻهو مان بہ آسوُدو ڀَلو
پيار وچڙي ويو مگر ڳاٽي ڀڳو

ڏسُ تہ ڪيئن اوُنداهہ، اُجڙيل غار ۾
ڪي لهي ڏاڪا ويو آ سوجهرو

جسم کان ٻاهر اَچي ڀاڇو ڪوئي
درد وينو آ تپت ۾ هيڪلو

هُئو تہ پاڳل لڙکڙائيندي مونکي
ڳالهہ هڪڙي هوش جي چوندو ويو

جو اَڏيو اِنسان، آ مشڪل ترين
۽ وڏاتا جو اَڏيل سپ سؤ کلو

بعد مدت جي مِليس مسڪان هڪ
يارُ بي اختيار چو روئي پيو

دِل و جان سان مان سندس سواگت ڪريان
هڪ وهم پڻ ٿي سگهي ٿو فاصلو

درد ها، ڳٽيون هيون، ڪي فڪر ها
اڄ بنان سيني جي ڪيڏو گهر ٻُسو

مان هجان ۽ مان هجان بس مان هجان
ڪيئن سهان مان تنهنجيءَ دل ۾ ڪوئي ٻيو

ڪيتري همت وچان سچ ٻيو چوي
ها، حقيقت ۾، چريو آهي، چريو.

ڀلجڻ دل جو وري مشڪل ٻٽيو
زندگي، دِلڪش ٻهانو آچہ، ڪو

**309/C, Natasha Soc., Opp. Old Petrol Pump,**
**Mira - Bhayander Road, Bhayander (E) - 401 105, (Mumbai)**



## غزل / گوپ ڪمل

- ا -

جن کي نہ ڄاڻ، ڏوهہ اَڱڻ کي ڏَئي ويا
ٽانڊن مٿان ڪي پيرين اُگهاڙا نچي ويا

مَلبي جي هيٺ آهي دَٻيل ڪو ٻُڌي نٿو
نيتا گهٽائي آيا ڪِريل گهر ڏِسي ويا

ڪُڏ تائين ٻوڙ ڪوڙ جي، سچو سدا نچي
وشواس ڪئن ڪيان مان، وڏا سچ ڇِڪي ويا

سُڌ تہ ڏسڻ نہ ايندو، بهانا ڪري پيو
پُڇڻو هو حال جن کي، ڪَڏهوڪو پُڇي ويا

ڪو شوق ٿَن سفر جو، يا ٻي ڪا تلاش ٿَن
منزل پنيان ڇڏي، گهڻو اڳتي وَڌي ويا

هن جي ٻئي بہ هٿ ۾ نہ ساڳيو هُنر هجي
آڱوٺو ايڪلويہ جو ڪَپائي ڏِجي ويا

هرڪو ڪري ٿو ناهہ، ڪمل حالتون ڏسي
پوپٽ بہ نيٺ نقلي گلن تي هري ويا.

## غزل / گوپ گولاڻي

سُکن ۾ تہ سُک کي ماڻي ڏٺو آ،
ڏُکن کي بہ دل ۾ سمائي ڏٺو آ !

اُجالن ۾ تہ روشن رهيو پيار منهنجو،
اَنڌيرن ۾ تنهن کي بچائي ڏٺو آ !

مٺا گيت ڳاتا بهارن ۾ جي مون،
خزان ۾ بہ تن کي ڳائي ڏٺو آ !

ڪيہ عرَض ايلاز ناهي اَثر ڪو،
اکين مان بہ ڳوڙها وهائي ڏٺو آ !

وَرَ وَرَ ستائڻ ۾ ڪيڏو مزو آ،
هڪ ڀيرو جنهن پي ستائي ڏٺو آ !

تلخ يادگيريون اڃا دل ۾ آهن،
وڃن ڪونہ ٿيون مون ڀُلائي ڏٺو آ !

اوهانجون دعائون اوهانجون دوائون،
سيئي بي اثر آزمائي ڏٺو آ !

كوتا / گوپ گولاڻي

# فرياد

منڊايون پل ڪرين مون سان
پلايون مان ڪري جاڻان،
زخم جي تو ڏنا دل تي
مٺي سوغات تو پانيان!

ڪٺي خنجر تکا نشتر،
ونڻ هيءَ جان چاهين تو،
پلا منهنجو وجود چاهي
مٿائڻ جنهن کي چاهين تو!

ڪرائي چو قتل منهنجو،
کڻين تو بار خواريءَ جو،
اَزل آهي کڙو سرَ تي
اَچي ويو وقت تياريءَ جو!

ڪئي مون دوستي توسان
مگر ويرِي تون چو پانئين،
کپائي ڪنڌ ڏيان خود ئي
اگر هڪوار پي چاهين!

دلاسو جي ملي تنهنجو،
ڪڍان اوسيڙو جنمن جو،
تہ ملندين نيٺ هڪڙي پل
۽ کلندو پاپ ڪرمن جو!

آزاد نظم/ گوپ گولاڻي

# 'اصل ڀارتواسي'

اَسين جڏهن ولائت وڃون ٿا
تہ نقلي انگريز بڻجي موٽون ٿا،
جڏهن اَسين آمريڪا وڃون ٿا
تہ نقلي ڊُڏي جيوي بڻجي موٽون ٿا،
جڏهن اَسين رشيا وڃون ٿا
تہ پڪا ساميوادي بڻجي موٽون ٿا،
ليڪن
جڏهن اَسين ڀارت ۾ رهون ٿا
تہ اصل ڀارتواسي نہ ٿا بڻجون !
اَهڙو ڀارتواسي -
جنهن ۾ رام جي مريادا هجي !
شري ڪرشن جي ديانتداري هجي !
گوتم ٻڌ جو گيان هجي !
گرو نانڪ جي سد ڀاونا هجي !
وويڪانند جي وشالتا هجي !
۽ ڀڳت سنگهہ جي ڀڳتي هجي !

F. H/202, Scheme 54, Vijai Nagar,
INDORE - 452010

# غزل / ڪيمن مولاڻي



(١)

مان هوس ڏينهن سان پر اونده جو هو سفرُ
هن شهر رات جو پڻ اجرو رکيو پڌرُ

١. ڳالهيون مناس واريون چوڌر پکيڙيون تو،
هو ذائقي ۾ تن جي ڪؤڙاڻ جو اَثرُ

٢. ڌڙ ڌڙ ڪندي لنگهي وئي پر مان ڪا ريل جڻ،
جنهن وقت تو چيو هو ڪو بيِ‌سبب اڪرُ

٣. ميڙا ڪري ڪکر تا ڌرتيءَ ڪان سڄ ڪَسيِنِ،
اِنصاف لاءِ ڪائي سڄ تن سان ٿو ٽڪرُ

٤. هر دؤر ۾ ائين ئي ٿيندو رهيو هتي،
ٿو چاڪ ڪان وڪامي مهنگو سدا اَڱرُ

٥. ٿي شهر ۾ ملي ڪٿي آسائشي گهڙيِ،
مشڪل ڪڏهن ملي ٿو ڍوڍي سان گڏ بصرُ

٦. جنهن چيز لاءِ رهين ٿي تون ۽ٽڪندي اي دل،
ملڻو سو ناهه توکي سڪ پيار جو وکرُ

(٢)

سچ کي نہ سچ چوان تہ پلا کوڙ ڪئن چوان؟
پنهنجي ضمير جي نہ ٻڌان، تنهنجي ڪئن ٻڌان؟

١.منظر ڪئين اکين جي اڳيان روز تا لنگهن،
ڇَپ کين کي ڇُرڻ تا ڇئي ڪجهہ نٿو سگهان.

٢.ڪنهن پي ڏنو نہ ساٿ ڇڏي وات تي وريا،
ڪيڏا نہ پرم پالي رکيا مون سلوڪ سان.

٣.ٿاريءَ کي مون اَجايو ڇهيو هو ڪلي ڏسي،
خوشبوءِ جي موهہ ۾ ٿو ڦٽي پاڻ کي وڃان.

٤.ڪيڏا نہ ها سوال، مليا ڪٿ صحيح جواب،
ڪهڙا جواب توکان سوالن جا مان پڇان؟

٥.ڪوڙا ئي ڳالهہ سچ جي سدائين ڪندا رهيا،
سچ کوڙ کي ڇوي کو سچائي ٿو جهٽ وڃان.

٦.اڻڪل سان تو لڪايو گهڻو ئي تي پاڻ کي،
پڙرو مگر تي راز ٿيو لفظ لفظ مان .

٧. انسان جي تہ وس ۾ ڪڏهن ڪجهہ بہ ڪونہ هو،
ان لاءِ پرم پالي ٿو کي پاڻ سان هلان.

٨.آ مرض لا علاج غريبيءَ جو (اَ)ٿم خبر
سپنا ڪٽي اَڇن جي انهن کان ٿو کن هٽان.

هلي گهر منجهان ويو، وري ڪونہ آيو،
تفاوت هو ڪنهن تي ذري ڪونہ آيو.

١. ڏئي ٿو وڏن کي اَچا پيي هوُ عزت،
شهر جي هوا سان ڪري ڪونہ آيو.

٢. گهٽو ئي مان بينس ڪڍي بُغض من مان،
ڪٽي ڪي قدم هوُ وڌي ڪونہ آيو.

٣. سجايو ڪَليءَ پاڻ کي رنگ و بوُ سان،
مگر ڪوئي پوپٽ اُڏي ڪونہ آيو.

۴. ڪري عشق هاڻي روئڻ آهي وينو،
زماني کان رمزون سکي ڪونہ آيو.

۵. اَتِس شان رتبو، لڳي تہ بہ دکي ٿو،
چپيل هو ڪنڊو سو ڪڍي ڪونہ آيو.

٦. چيائون ٿي جنهن کي سچڻ آهي منهنجو،
ڏکيءَ ويل اچ سو هلي ڪونہ آيو.

# وائي / ڪيمن يوُ مولاڻي

سهڪي ساڻو ساهه،

جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن،

١. ماڻهوءَ تي آ ڪو نه اچ،

ماڻهوءَ جو ويساهه - جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن.

٢. ٻيڙا ٿو ٻوڙي وڃي،

ڪارو سمنڊ اٿاهه - جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن.

٣. گُل ته ٽڙيا ها چوچ مان،

مالهيءَ ڪيا تباهه - جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن.

٤. چنڊ نه ڪو تارو ڏسان،

چوڌاري اونداهه - جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن.

٥. ڪوڻ ٿئي ڪنهن چيز تي،

هاڻي ڪو اڙواح - جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن.

٦. ڳالهه ڪرڻ انصاف جي،

آهي جڳ گناهه - جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن.

٧. حرفت سان ڪانئر بڻيو،

مانجهي مرد ملاح - جيءَ ۾ تا ٽاندا ٻرن.

**A-New 14/134,**
**Bairagrah,**
**Bhopal - 462030**
**Mb. 094250-51715**

## غزل / زبير سومرو

پکين ڳايو، گلن مرڪيو، اُڀن تي ڇمر ڇايا،
پسيون پنبڻيون، ٻُسي دل تي، پرينءَ جا نيڻ ياد آيا !

اَسان سڀ حسرتون گروي رکي، تهمت ڪمائي سي،
ڪئي سي ننڊ جي جوئا، سمورا خواب هارايا !

اسان کي ظرف جي سوليءَ تان ڪو لاهي سگهي ٿو ڇا؟
اوهان جا ڏس، اوهان جا گس، اسان جي ڪنهن نہ ڪم آيا.

وئي ڙي زندگاني وئي، پيڪوڙيل مٺ جي واريءَ جان،
نہ ڪو عشق نمٽايو، نہ ڪي ڪم ڪار اُڪلايا !

اَسان جا نيڻ قيدي ها، اسان جا شعر باغي ها،
اَسان جا خواب ها، الائي ڪنهن تہ مارايا !

اهي سپنا، جتي نپنا، جتي هي حسرتون تاتيون،
اُهي سڀ جهنگ ساڙايا، اُهي ٻيلا ئي ٻارايا !

**H . No. 19/140**
**Panj peer, Hathi Gate,**
**Shikarpur, Sindh**
**E mail : Zasoomro9@gmail.com**

## غزل / گوبند ريجهواڻي

جڏهن آئي قلم هٿ ۾، ڪويتا هڪ رَچي وَرتي،
ڏنو آنند تنهن سڀ کي، بڻي جا خوب رَسُ جَهرتي.

اونهاري منجهه گرمي ۽ سياري ۾ پوي ٿو سيءُ،
وِجهي برسات چؤماسو، ڪري سائي سڄي ڌرتي.

دکن کان پو(ءِ) اَچن ٿا سک، اچي ٿي چانوَ اُس کان پو،
اَچي مهراڻ ۾ ٿي جئن، سدائين اوٽَ ۽ ڀرتي.

پوي برڪت ٿي روزيءَ ۾، مِلي سک ٿو اَلوَڪِڪ نِت،
رکِي سچ تي آ جنهن قائم، سدا پنهنجي مَنو ورتي.

چڙهي جا ڳالهه ٿي ضد تي، ڏٺو ٿئي فيصلو تنهن جو،
رُٺي محبوب کان جا نارِ سا ڀِي آ ڏکي پَرتي.

وِساري جو چڱي اَحسانُ، سو آ مَطلَبي ماڻهو،
ڏجي اُپڪار تو بدلو، رکِي دل ۾ سدا سُرتي.

"Shiv Ashish"
92 - Khodiyar Nagar St : No. 3
B/H. Giriraj Society
Joshipura,
Junagadh - 362002

شرڌانجلي / بنسي خوبچنداڻي



# گوپال ٺڪر

## هڪ سٺو اديب، هڪ قربدار دوست

’منهنجي ڪهاڻين ۾ استري ڪردارن منهنجي شخصي جيون جي ڪن حصن کي اُهو سڪون پهچايو آهي جيڪو شايد ئي زماني جي ڪنهن حاصل ٻي نعمت ڏنو هوندو ..... ڪڏهن ڪڏهن خود کي ڪرشن سمجهڻ لڳندو آهيان ..... مان سوڪيم آهيان، مان اِستر آهيان .... ’مان گرنٿ آهيان، مان هرپل ۾ هرجڳهه وياپڪ آهيان .... مان هنس جي چال آهيان، مان گج جي توفيق آهيان ..... مان ٻوڙندڙ جنگ ۾ جوڌو آهيان، مان پهرين ٻالڪ جي پهرين مسڪراهٽ آهيان، مان ڪائنات جو نور آهيان، مان ڊنڊ جي گهرائي آهيان، مان نيل پهاڙن جي پکيڙ آهيان، مان وشو جي شانتي و اَشانتيءَ جي جڙ آهيان، مان جنم مرڻ جي ماپ آهيان، مان وشو آهيان، مان مها مايا آهيان. پر پوءِ اِهو سڀ ڀرم آهي، جڏهن ٽائليٽ جي فلئش ٽئنڪ مان نڪرندڙ ڀرپور آواز ڪنن ۾ پوندو اٿم .....‘ ۽ وري اڳتي، ’ليکڪ من جي اکين سان هر ڪهاڻيءَ جي ڪردار کي چمي ٿو. اُن سان گڏ پنڌ ڪري ٿو. ڏاڪڻيون چڙهي ٿو. سهڪي سهڪي اُجهاميل اکين سان هيٺ لهي ٿو. اُن سان جيئندي، پنهنجي نجي حياتيءَ جي وجود کي ڳولهي ٿو.‘

مٿيان ٺڪر ڪهاڻين جي مجموعي، ’رشتن جي خوشبوءِ‘ ۾ اڳياڙيءَ ۾ ڏنل پنهنجي ۽ پنهنجين ڪهاڻين جي سڃاڻپ ڏيندي ليکڪ گوپال ٺڪر جا آهن، جنهنجو عنوان آهي ’ڪهاڻيءَ جي پٺڪ‘

گوپال ٺڪر وٽان سنڌي ادب کي ٦ ڪتاب مليا. ٻه ڪويتا جا، ’جهاتين ۾ لاتيون‘ ۽ حيف تنهين وطن وساريو‘، ٽي ڪهاڻين جا مجموعا، ’ڏنڊا عڪس،

'رشتن جي خوشبوءِ' ۽ 'ڪنور مينهن وسايا' ۽ هڪ مرتب ڪيل ڪتاب، 'جي پائنين جوڳي ٿيان'. سندس ستون ڪتاب، 'گوپال نڪر جون رچنائون'، جنهن ۾ سندس سمالوچنائون پيپر ۽ سفرناما آهن، اُميد تہ جلد اسانکي ملندو.

گوپال نڪر پنهنجي رچنائن ۾ هميشه ڪجهہ نئون ڏيڻ جي تلاش ۾ رهيو ۽ اُهو نئون هڪ سهٽي ۽ جاندار ٻوليءَ ۾ ڏنائين.

گوپال نڪر هڪ سنو ڪوي، سنو ڪهاڻيڪار، سنو چترڪار، هڪ سنو مرتب ڪندڙ تہ هوئي، پر اُن سان گڏ هڪ سنو سمالوچڪ بہ هو. سني رچنا پڙهندو هو تہ واه! واه! ڪري اُٿندو هو. ڪا ڳالهہ نہ وڻندس تہ بنا هچڪ جي چئي ڏيندو ۽ لکي بہ ڏيندو هو. هو پنهنجي ڪلا سان وفادار هو. جيڪو لکندو هو اُهو گهري سوچ ۽ پوري محنت سان لکندو هو ۽ هميشه ڪجهہ نئين چيز ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس مشهور ڪهاڻي، 'جنريشن گئپ' اُن ڳالهہ جي شاهِد آهي. سندس ٻيون ڪهاڻيون، 'سنڌي 66.Fm '، 'ڪنورمينهن وسايا'، 'سڏ'، سرينڌر ۽ نئون زخم بہ اُن ڏس ۾ کنيل قدم آهن.

برک اديب شيام جئسنگهاڻي سندس ڪهاڻين جي مجموعي، 'رشتن جي خوشبوءِ' تي ڳالهائيندي چوي ٿو 'لاشڪ جديد زندگيءَ کي هن نهايت گنڀيرتا سان سمجهڻ ۽ چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هنن ڪهاڻين ۾. اُهو من جي سچائيءَ جو ثبوت آهي. ماحول، ڪردار، ڪهاڻين جو تاڃو -پيٽو يعني اُٿت، پس منظر هڪ اِڪائيءَ ۾ پنهنجو اثر ٿا ڇڏين. ڪردارن جا اِرادا، عڪس، مايوسگيون، ڪافور ٿيندڙ اُميدون، هڪ ڪئپسول ۾ قيد ٿي برف جيان هڪ ڊُڪ جيان اسانجي گلي جي اندر وڃن ٿا ۽ پُرزا پُرزا ٿي اسانجي سمورين نسن ۾ ڦهلجي ٿا وڃن .... گوپال نڪر جون ڪهاڻيون رواجي ليکڪان هٽيل ۽ بولڊ آهن. ناري پاترا ڪثر پُرش پاترڪان وڌيڪ اُڀري روشنيءَ ۾ اَچن ٿا ۽ وستارءِ اِظهار پائين ٿا.'

گوپال نڪر منهنجو شخصي دوست هو ۽ مون کيس ويجهڙاين تان جاچيو آهي. سندس رڳ رڳ ۾ سنڌي ادب سمايل هو. هو پنهنجي زندگيءَ جو وڏو

حصو، ادب پڙهندي، ادب سوچيندي، ادب لکندي ۽ اديبن جي صحبت ماڻيندي گذاريندو هو. سنڌي ساهتڪارن ۾ اهڙو ڪو ورلو هوندو جنهن سان سندس ويجها ناتا نہ هوندا! هن جي DNA ۾ سنڌي ساهت جو ٻج پيل هو. اُن ٻج ڪي وڌايو ۽ ويجهايو سنڌيءَ جي مشهور اديبن جي ساٿ، جن ۾ ايم. سگن، ايم. ڪمل، موهن ڪلپنا، ايشور آنچل، قتن پرسواڻي، لعل پشپ، گنو سامتاڻي، هري پنڪج، وشنو ڀاٽيا ۽ شيام جئسنگهاڻي جاتل سڃاتل نالا آهن.

سنڌي نظم جي تخليقي صنف 'چو اکڙا' جي مجموعي 'حيف تنهين وطن وساريو' جي مهاڳ ۾ سنڌي ادب جا مايہ ناز شاعر ارجن شاد هيئن ٿا لکن، 'گوپال نکر جي شاعري منهنجو هميشه ڌيان ڇڪائيندي آهي. هن ڪي شاعراڻو من آهي ۽ جيڪي لکندو آهي اُهو دل ۽ دماغ تي اثر ڇڏيندو آهي. هن جي شعر ۾ ويچار ۽ جذبات جو خوبصورت اِمتزاج هوندو آهي. چو اکرا 'حيف تنهين وطن وساريو' سنڌي شاعريءَ کي سندس نئين دين آهي ..... گوپال نکر نئين ڪويتا تي بہ قلم آزمايو آهي. گهڻن ئي ڪوين سنبون ڪويتائون لکيون آهن. گوپال نکر جي ڪوتا ۾ جدا جدا سڇايون ۽ نراليون تشبيهون نظر اينديون. هن جي ڪوتا ۾ انفرادي انگ موجود آهي ۽ موضوعاتي نواڻ بہ ڪوتا ۾ ڪوٽ ڀريل آهي.'

اديب گوپال نکر جو جنم سيوهڻ، سنڌ ۾ 10/2/1940 تي ٿيو ۽ هڪ اِڪسيڊنٽ ۾ سندس اوچتو ديهانت 12/8/1913 تي ٿيو. انسان ڀلي زنده نہ رهي پر ليکڪ ۽ شاعر پنهنجي رچنائن ۾ هميشه زنده رهندو آهي، جئن زنده آهي گوپال نکر، هڪ سٺو اديب ۽ هڪ قربدار دوست.

**B/603, Woodland,**
**Near Ashok Academy,**
**Lokhandwals Complex,**
**Andheri (W) Mumbai - 400053**

ليک/ آر. ايم. هري

# سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ جي شخصيت ۽ فن

جيون جو جنم سونهاريءَ سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ ۱۳ آڪٽوبر ۱۹۲۸ تي ٿيو ۽ ۱۹ جون ۱۹۹۴ تي، ٦٦ سالن جي عمر ۾ هو اُن ديس ڏانهن روانو ٿي ويو جتان ڪو به موٽيو نه آهي. جيسين هو حيات هو تيسين هن جيڪا سنڌي رنگ منچ جي شيوا جنهن لگن سان ڪئي، سا ڪو به سنڌي ڪلاڪار ڪڏهن وساري نٿو سگهي. هو سٺو ۽ سلجهيل ناٽڪڪار ۽ هدايتڪار هو ان ۾ ڪي به به رايا ٿي نٿا سگهن.

هو اڃا ننڍڙو ئي هو جو سندس پتا صاحب سرڳواس ٿي ويا ۽ اڃا پنهنجي پيرن تي بيهڻ لائق به نه ٿيو هو جو هن جي ماتا صاحب به گذاري وئي. هن کي سندس ماسيءَ ۽ ماسڙ پالي وڏو ڪيو. جيون لڳ ڀڳ سوا ڇهه فوٽ لنبو ۽ رعبدار شخصيت جو مالڪ هو. سندس مٺو دلڪش آواز ۽ سباجهڙيون اکيون هرڪنهن کي پهرينءَ ملاقات ۾ ئي پاڻ ڏانهن ڪينچي وٺڻ ۾ ڪامياب ويندڀون هيون. جيون جي شخصيت جي باري ۾، احمدآباد مان شايع ٿيندڙ 'اسٽيج' مخزن ۾ اجهو هن ريت ڄاڻايل آهي :-

'انوکي شخصيت جو مالڪ، اميتاڀ بچن کان لنبو، سنيل دت کان وڌيڪ شيرين، صاف سنڌي لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ جيون سان ملڻ بعد پهرين ئي ملاقات ۾ ائين محسوس ٿيندو آهي ته جيون کي سالن کان سڃاڻون. جيون پنهنجي دلفريب مشڪ ۽ اکين جي چمڪ سان چقمقي ڪشش جو ڪم وٺندو آهي. جيون اڪثر گهٽ ڳالهائيندو آهي پر جڏهن به ڳالهائيندو آهي، خوب ڳالهائيندو آهي.'

مدن جماڻي، برک ڪلاڪار، هدايتڪار ۽ فلم ڊئريڪٽر.

ساڳي ئي پرچي ۾ اسانجي جاتيءَ جي هڪ سلجهيل ليکڪ ۽ سنڌي

ٻولي، ساهت ۽ سيينٽ ورٿي جي مورچي تي چست مهندار - شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ وري هيئن ڄاڻايو آهي :-

چون ٿا تہ اميتاب بچن کي فلمي دنيا ۾ ’لنبو‘ چوندا آهن. اهو ڪجھ پيار وچان، ڪجھ سندس قدبت جي ڪرشمي جي ڪري آهي. سنڌي ڪلا کيتر ۾ پڻ هڪڙو اهڙو پيارو ’لنبو‘ آهي. مونکي لڳي ٿو تہ ہہ رتيون سرس ئي آهي، پر سڀڻي وقت سنڌي ڪلاکيتر ۾ پڻ نهايت ئي پياري ۽ انوکي شخصيت جو مالڪ آهي. .... سنڌي ناٽڪ کيتر اندر تہ ٻيو ڪو اهڙي حليمائيءَ جو صاحب مون کي نظر ڪونہ ٿو اچي، باقي نغارا وڄائيندڙ ڪوڙ آهن.‘

جيون اڃا ائڪل ڏهين سالين جو هو جو هو ڪراچيءَ ۾ گهر جي کڏ تي، چادرن جي اسٽيج سنواري، ڪن سنگتين کي گڏ ڪري، ڪنهن ڊرمي يا تواريخي فلم ۾ ڏٺل درشيہ، ناٽڪ جي روپ ۾ پيش ڪندو هو. انُهن ڏينهن جي مشهور فلمي اداڪارن - جانڪاوس ۽ ناديا - جي فلمن جا درشيہ دهرائيندو هو. اسڪول جي ناٽڪن ۾ پڻ پارٽ ڪري هن ناٽڪ جي کيتر ۾ قدم رکيو. جلد ئي پارٽ جو ورهاڱو ٿيو. ١٩٥٠ ۾ هن ايم. اي. ڪرڻ لاءِ، دهليءَ جي دهلي ڪاليج ۾ داخلا ورتي. تنهن زماني ۾ اُن ڪاليج ۾ سنڌي وديارٿي ڪافي انداز ۾ هئا جن مان ڪيترن تي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي بچائي رکڻ جي ڌُن سوار هئي. سنڌيءَ ۽ فارسيءَ جي پروفيسر، سدا حيات ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ’خادم‘ صاحب جي رهنمائيءَ ۽ نظرداريءَ هيٺ، وديارٿين سنڌي ساهتيہ سڀا برپا ڪئي ۽ جيون بہ اُن سان جڙي ويو. انُهن ئي ڏينهن ۾ جيون جي ڏيٺ ويٺ سدا حيات هيمراج ناگواڻيءَ سان ٿي جو پڻ ان ڪاليج جو وديارٿي هو. اڳتي هلي، جيون جي سنگ ۾، هيمراج ناگواڻيءَ سنڌي ناٽڪ جي مايہ ناز اداڪار هئڻ جو درجو حاصل ڪري، رنگ منچ جي خوب شيوا ڪئي. بس ٻنهي جي اڻٽٽندڙ دوستي ٿي وئي ۽ ٢٤ نومبر ١٩٥٠ تي دهلي ڪاليج هال ۾، راڄڌانيءَ جو پهريون سنڌي ايڪانڪي ناٽڪ ’گامٹو ڊاڪٽر‘ جيون جي هدايتڪاريءَ سان هيمراج ۽ ٻين ڪاليج جي وديارٿين، بيحد ڪاميابيءَ سان پيش ڪري سنڌي رنگ منچ تي پهريون قدم رکيو ۽ ٻنهي، ايندڙ ٣٤ سال سنڌي ناٽڪ

جي خوب شيوا ڪري واهہ واهہ حاصل ڪئي. ساڳيءَ ئي شام تي جيون جو پهريون لکيل ايڪانڪي ’ڏيتي ليتي‘ بہ سندس ئي هدايتڪاريءَ هيٺ ڪاليج جي ڪڪين تمام سهڻي نموني ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو. لاشڪ پارت جي راڄڌانيءَ ۾ سنڌي سانسڪرتڪ جيون جي شروعات ڪرڻ جو اُهو هڪ سونهري ڏينهن هو. ١٩٥٠ کان ١٩٥٢ واري ڪاليجي دؤرجي ٽن سالن ۾ جيون جي هدايتڪاريءَ هيٺ ٧ ناٽڪ پيش ٿيا جن ۾ ٻہ سندس ئي لکيل هئا : ’ڏيتي ليتي‘ ۽ ’فئشنبل‘. اپريل ١٩٥٣ ۾ جيون ۽ هيمراج دهليءَ ۾ تعليم ختم ڪري ڪاليج جي سرگرمين کان الڳ تہ ٿيا پر ٻنهي جي لڳايل چٽنگ جو اِهو نتيجو نڪتو جو دهليءَ جي نگر نگر ۾ سنڌي سنسٿائن ۽ پئنچايتن پنهنجو ٻوٽو پاڙڻ شروع ڪيو. ايندڙ پنجن سالن ۾ الڳ الڳ سيائن سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جا ١٤ پروگرام پيش ڪيا، جن ۾ جيون جو لکيل ناٽڪ ’ڪاڪو ڀلائيءَ وارو‘ ١٩٥٤ ۽ ١٩٥٥ ۾ سدا حيات هيمراج ناگوائيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ڪاميابيءَ سان پيش ٿيو. ١٩٥٨ ۾ جيون واپس دهليءَ موٽڻ کان پوءِ، راڄڌانيءَ جي مرڪزي سنسٿا - **سنڌو سماج** - سان جڙي ويو ۽ سيڪتڪ سيڪريٽريءَ جو پدُ بخوبيءَ نباهيائين. اُن سان گڏ ناٽڪ لکڻ ۽ ناٽڪن جي هدايتڪاري ڪرڻ هن بدستور جاري رکيا. اُهي پروگرام پيش ڪري جيون عام جنتا جو پيار ۽ ناٽڪ جڳت ۾ مشهوري حاصل ڪئي. اِهو سلسلو ١٩٦٠ تائين هليو. ١٩٥٩ ۾ ٽي ايڪانڪيون پيش ٿيون جن مان ٻہ جيون جون لکيل هيون : ’ڪاڪو ڀلائيءَ وارو‘ ۽ ’نيلام‘ ۽ ٽنهي ناٽڪن جي هدايتڪاري پڻ سندس هئي. مارچ ١٩٦٠ ۾ جيون جو اڳيئن لکيل ناٽڪ ’فئشنبل‘، سندس هدايتڪاريءَ هيٺ وري پيش ڪيو ويو. فرق صرف اهو هو تہ اڻ سال اُڳ سڀ ڪردار ڪاليج جي ڇوڪرين ڪيا هئا ۽ هن ڀيري ٻنهي جنسن جي ڪلاڪارن ملي ڪم ڪيو ڇاڪاڻ تہ ١٩٥٢ واري زماني ۾ اڃا ڪڪيون ناٽڪ ۾ گهٽ وڌ اچڻ لاءِ تيار هيون ۽ مرداڻا پارٽ بہ هنن کان ئي ڪرائي سگهبا هئا ڇو تہ ٻنهي جنسن جو گڏ اسٽيج تي ڪم ڪرڻ اڃا مائٽن کي پسند نہ هو. ١٩٦٠ ۾ سنڌو سماج، دهليءَ طرفان راڄڌانيءَ ۾ پهريون

مڪمل اصلوڪو ٽہ - فصلو ناٽڪ، سدا حيات گوورڌن پارتيءَ جو لکيل، ’ٻگڙيل گهر‘، سدا حيات گوبندرام ناٿاڻيءَ جي قابل هدايتڪاريءَ هيٺ، پيش ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون ۽ جيون جو دادا گوبندرام ناٿاڻيءَ کي هر ڏس ۾ پورن ساٿ سهڪار مليو. انُهن تيارين دؤران جيون ۽ ٻين ڪلاڪارن جي رٿ هئي تہ دهليءَ جي ڪلاڪارن کي پنهنجي الڳ سنستا هئڻ گهرجي جيڪا ڪلاڪيترن ۾ انُتيءَ لاءِ يتن ڪري ۽ ڪلاڪارن جي تڪليفن جو جوڳو قدر ڪرڻ جا پورا اُپاوَ وٺي. ڊسمبر ١٩٦٠ ۾ ’ٻگڙيل گهر‘ جي ڪامياب پيشڪش ڪانپوءِ، مٿي ڄاڻايل رٿ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ جون ١٩٦١ ۾، دهليءَ ۾ سنڌو ڪلا سنگم جو جنم ٿيو. جيون کي سنگم جو سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ سڀاپتي ٿيو دادا گوبندرام ناٿاڻي. ’سنگم‘ برپا ٿيڻ ڪان وٺي، جيون جي پرلوڪ پڌارڻ تائين، يعني ٣٣ سالن ۾ جيون جي هدايتڪاريءَ هيٺ ٣٣ ايڪانڪين جا ڪل ملائي ١٠٣ پيشڪش ٿيا جن ۾ ١٨ پيشڪش تجرباتي (Experimental) ناٽڪن جا هئا ۽ ٦ ايڪانڪيون جيون جون لکيل هيون. ١٩٦٤ ڪانوني جيون مڪمل ٽہ-فصلا ناٽڪ بہ، پنهنجي ئي هدايتڪاريءَ سان پيش ڪرڻ شروع ڪيا. ٣٠ سالن ۾ ڪل ١٤ مڪمل ناٽڪن جا ٧٦ پيشڪش، دهليءَ جي ناٽڪ پريمين لاءِ خواهہ دهليءَ ڪان ٻاهر آگره، احمد آباد، اَجمير، ٻڙودو، ڪلڪتو، گانڌيڌام، جئپور، ڪانپور، لکنو، ناگپور ۽ پاٽنا ۾ بيحد ڪاميابيءَ سان پيش ڪري سنڌي رنگ منچ جي هن دل وجان سان شيوا ڪئي. اُن ڪانسواءِ، جيون جي هدايتڪاريءَ هيٺ سنڌو ڪلاڪيندر، دهليءَ طرفان ٻہ سنگيت - ناٽڪ (سُر سورٺ ۽ سُر مومل راڻو) ١٩٦٨ ۽ ١٩٦٩ ۾ دهليءَ ۾ تمام گهڻيءَ ڪاميابيءَ سان پيش ٿيا. ١٩٩٠ ۾ جيون هڪ ويڊيو فلم ’اُڱا پنڌ پيارجا‘ پڻ سنڌو ڪلا سنگم طرفان، پنهنجيءَ هدايتڪاريءَ هيٺ تيار ڪرائي. بيحد فخر جي ڳالهہ آهي جو هيءَ فلم ١٤ جولاءِ ١٩٩٠ تي بمبئيءَ دوردرشن تان ڏيکارڻ ڪان پوءِ ١٩٩٢ ۾ دوردرشن دهليءَ ۽ دوردرشن ڪلڪتي مان بہ سنڌي درشڪن کي ڏيکاري وئي هئي.

جيون کي سندس فن جي قدرشناسي ڪندي ڪيترائي انعام، ٽرافيون

وغيره حاصل ٿيون جن ۾ قابلِ ذڪر آهن آل پارٽ سنڌي ايڪانڪي چٽاپيٽين ۾ ۵ بهترين هدايتڪاريءَ جا انعام، هڪ بهترين پيشڪش ۽ ٻه ٻيون نمبر بهترين پيشڪش جا انعام. ان ڪانسواءِ ۱۹۸۸ ۾ وشو رنگ منچ ڏينهن World Theatre Day تي دهلي ناٽيہ سنگهہ طرفان، جيون جي سنڌي رنگ منچ لاءِ ڪيل شيوائن جي قدرشناسي ڪندي، سندس عزت افزائي ڪئي وئي. ۱۹۹۰ ۾ سنڌي سوشل ۽ ڪلچرل سوسائٽي دهليءَ طرفان، جيون کي 'سنڌو رتن' جي انعام سان نوازيو ويو ۽ ۱۹۸۹ ۾ بمبئيءَ جي مشهور سنستا، پريہ درشني اڪاڊميءَ، جيون کي سنڌيت جي هلچل ۾ اڳري رهڻ لاءِ عزت افزائيءَ جو انعام ڏنو هو. ۱۹۹۲ ۾ وري ناڳپور جي 'انڪور' سپيتڪ گروپ طرفان جيون کي عزت افزائيءَ جو انعام حاصل ٿيو.

جيون جو اهو پڪو وشواس هو تہ ٻين ڪلائن وانگر ناٽڪ ڪلا بہ هڪ قدرتي ڏات تہ آهي ئي پر اُن سان گڏ محنت ۽ لگن جي بہ ضرورت آهي. سندس اهو بہ ويچار هو تہ هڪ ڪامياب هدايتڪار لاءِ اهو پڻ ضروري آهي تہ هن کي زندگيءَ جي الڳ الڳ پهلن جو انڀوَ هجي ۽ ان سان گڏ ساهتڪ سوجهہ ٻوجهہ، انساني سڀاوَ جي پروڙ ۽ اڳوانيءَ جا گڻ هوندا تہ هن کي ڪامياب ٿيڻ ۾ خوب هٿي ملندي. جيون پنهنجن ڪلاڪارن جي اسٽيج جي چرپر Movements تي گهڻو ڌيان ڏيندو هو. سندس وشواس هو تہ ناٽڪ ۾ ورتل هرهڪ چرپر جو مطلب هئڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ گفتگو Dialogue ۽ چرپر جو پاڻ ۾ تال ميل هئڻ ضروري آهي. مثال طور غصي ۾ چيل Dialogue وقت اگر چرپر Movement بہ ڪرڻي آهي تہ اُها تکڙي رفتارواري هئڻ گهرجي ۽ ڍلي ڍالي بلڪل نہ. ناٽڪ لکڻ يا پيش ڪرڻ جي چونڊ ڪرڻ وقت هو ٽن ڳالهين جو خاص ڌيان رکندو هو :- (۱) ناٽڪ جي ٿيم Theme (۲) ناٽڪ جي گفتگو ۽ (۳) ناٽڪي موڙ Dramatic climax. هن جو چوڻ هو تہ درشڪن جي ناٽڪ پسند ڪرڻ جو معيار مٿاهون ڪرڻ جي جوابداري، هدايتڪار کي نڀاهڻ گهرجي. اُن ڏس ۾ ڪوشش ڪندي هن ڪيترائي سنجيده ناٽڪ پيش ڪيا جن ۾ شامل آهن ايڪانڪيون 'الُجهن'، 'آخر جيت اسانجي'، 'پريم جي سيجا'، 'دودو چنيسر'، 'آدمخور'، 'دولهہ درياخان'، 'بس اسٽاپ تي'،

’مرڻ جو انتظار‘ ۽ ’جلوس‘؛ مڪمل سنجيده ناٽڪن ۾ اَچي وڃن ٿا ’هي پياسو من منهنجو‘، ’سورج جي آخري ڪرڻي ڪان ....‘، ’رات جو يارهين بجي‘ ۽ ’پنجوڙ‘. جيتوڻيڪ جيون جو سنڌي رنگ منچ لاءِ سوچ ۽ عمل سنجيده ۽ صحتمند رهيو، هو ڪل مسخريءَ وارن ناٽڪن پيش ڪرڻ جي خلاف بہ ڪونہ هو؛ پرچوندو هو تہ ناٽڪ زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي ترجماني ڪرڻ لاءِ آهي ۽ ڪل مسخريءَ ڪانسواءِ زندگيءَ جا ٻيا پهلو بہ آهن جي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجن. انهن نقطن کي ڌيان ۾ رکندي، جيون هر قسم جا ناٽڪ پيش ڪيا ۽ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا، پوءِ چاهي اُهي سماجڪ، تواريخي، مذاقي، تجرباتي Experimental، يا سسپينس Suspense وارا هئا. سائين وقت اهو بہ ڌيان رکندو هو تہ ناٽڪ ڪهڙي شهر ۾ ڪهڙي قسم جي درشڪن اڳيان پيش ٿيڻو آهي ۽ ناٽڪ جي چونڊ جو فيصلو ان مطابق ڪندو هو. ١٩٩٢ ۾ جيون ۽ سدا حيات جسونت ڪمار (سنڌي رنگ منچ جو مشهور ڪلاڪار، ناٽڪڪار ۽ هدايتڪار) هڪ نئون ۽ انوکو تجربو ڪيو. شري واسديو ’نرمل‘ جو لکيل ايڪانڪي ’گرائونڊ فلور‘ تيار ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ ٽن شهرن جي ڪلاڪارن (دهليءَ جي سنڌو ڪلا سنگم، بمبئيءَ جي ڪلا سنڌو ۽ ناگپور جي انڪور جا ڪلاڪار) کي مقرر ٿيل ڪردار سمجهڻ/سمجهائڻ ڪانپوءِ پنهنجو پنهنجو پارٽ ياد ڪري ناگپور پهچڻو هو، جتي ١٩ مي ١٩٩٢ ڪان ٢١ مي تائين ناٽڪ مها اُتسو جو آيوجن ڪيل هو. انهن ٽن ڏينهن ۾ ’گرائونڊ فلور‘ لاءِ چونڊيل انهن ڪلاڪارن جا ياد ڪيل پارٽ هڪ ٻئي سان سلسليوار بيهاري ٽي - چار ريهرسل ڪري، آخرين ڏينهن تي ناٽڪ پيش ڪرڻ جو هڪ وڻندڙ پريوگ هو. ناٽڪ پيش ٿيو ۽ ڪاميابيءَ سان پيش ٿيو ڇو تہ سڀني ڪلاڪارن جو خوب تال-ميل هو.

جيون جو پنهنجي ساٿي ڪلاڪارن سان عزت ۽ پيار وارو رشتو هو. هو چوندو هو تہ ’منهنجو ڪلاڪارن ۾ وشواس آهي ۽ موت ۾ سندن مون ۾ وشواس ئي منهنجي شڪتي ٻئي رهي آهي.مون بہ کين پيار ڏنو آهي، پنهنجائي ڏني آهي.‘

سنڌيت جي هلچل ۾ پڻ جيون جو رول اڳرو رهيو. ١٩٥٧ ۾ ’سنڌي ٻولي ڪنوينشن‘ سان راجڌانيءَ ۾ اکل ڀارت سطح تي سنڌيت جي ڪاروان جي

شروعات کانوني آخرين دم تائين جيون جو چست ساٿ سهڪار اکل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي هرهڪ ڪاريہ ۾ بڻيو رهيو. پوءِ چاهي سنڌي لپيءَ جي بچاو لاءِ بک هڙتال هجي چاهي اکل پارت ساهت سميلن هجي يا اکل پارت ناٽڪ مها اُتسو هجن، هو هميشه پهرينءَ صف ۾ ئي هوندو هو. البت ان ڳالهہ کان انڪار نہ ڪري سگهبو تہ پنهنجي ساٿي ڪلاڪار سدا حيات هيمراج ناگواڻيءَ جي چالاڪي کان وٺي پڇاڙيءَ تائين، يعني لڳ ڀڳ ڏهن سالن جي دؤران ۾ سندس ناٽڪي ڪيتر جي ڪاريہ ۾ ماڻائي اَچي وئي هئي. ايتري قدر جو سندس برپا ڪيل سنڌو ڪلا سنگم طرفان، نوان ناٽڪ پيش ڪرڻ جي رفتار تمام ڍلي ٿي وئي. اڳ ۾ ڪيل ناٽڪن جي دهراءَ کي پاسيرو رکجي تہ ڏسبو تہ ڏهن سالن ۾ صرف هڪ نئون تہ - فصلو ناٽڪ 'پتين بنان گهر' ۽ ٻہ ايڪانڪيون - نئون ٽيليفون ۽ دولهہ درياخان - ئي درشڪن جي سامهون اَچي سگهيون.

سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ جي شخصيت ۽ فن جي باري ۾ هيءَ مختصر وچور ڏيڻ کان پوءِ، ائين چوڻ ۾ بلڪل وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هو پارت جي راجڌانيءَ ۾ لاشڪ سنڌي ناٽڪ ۽ سنڌيت جي هلچل جو جنم داتا هو ۽ ناٽڪ خواهہ سنڌي رنگ منچ سان پڇاڙيءَ تائين سندس چولي - دامن جو ساٿ رهيو، جنهن لاءِ سنڌي جاتي ڪيس ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي.

| |
|---|
| (شري آر. ايم. هريءَ جي واقفيت: پورو نالو هري آر. ميٽراڻي ١٩٦٦ کان ١٩٩٦ تائين سنڌو ڪلا سنگم جي سيڪريٽري طور شري جيون گرسهاڻي، هيم ناگواڻيءَ جو سرگرم ساٿي رهيو. سنگم جي گهڻن ئي ناٽڪن جهڙوڪ دولهہ درياه خان، الُجهن، رات جو ٻارهين بجي، گرائونڊ فلور، سورج جي آخرين ڪرڻ کان ....، جلوس، هي پياسو من منهنجو ۾ مختلف ڪردارن جو رول ادا ڪيائين. اجڪالهہ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ٽرسٽي / سيڪريٽري آهي. - سمپادڪ) |

**26, Maleer,**
**Ward 4-A**
**Adipur (Kutch) 370205**

كھاڻي / اَرجن حاسد



# پتِي پتنِي

آرتوار جي صبح واري چانھہ ھونئن بہ سُست ھوندي آھي. بالڪنيءَ جي ڪُنڊ ۾ اَچي ويھندا آھيون، پردو بہ ھوا ۾ پيو لڏندو لمندو. راجوُ پنھنجيءَ ڪرسيءَ تي اَچي ويھي رھيو ھئو. مان ٽري ڪڍي آيس، بسڪيٽ بہ ھوندا آھن. مون ڪرسيءَ تي ويھي ھُن ڏانھن اُچاتري سَنڪوچ ڀري نظر وڌي. ھو بہ پنھنجيءَ سوچَ ۾ ئي ويڙھيل ھئو. مون بسڪيٽ ڏانھس وڌائيندي چيو، ڇڏ اِنھن زلزلن کي ڏوڏي ڇڏيندا.

اِھو سڀ ڪيئن ٿو ٿي وڃي، سنو بہ لڳو ٿي، ھڪ نئين چيتنا اُمنگن سان اُڀري آئي ھئي. واسنا تہ اُن ۾ ھئي ڪانہ، ميناج واري لاڙ ھئي، ڪجھہ ڪساري، مدھوش ڪري ڇڏيو ھئائين.

جسم جي وندرکي ڏوھہ بہ ڪيئن ڏجي.

نہ، ڪا ضرورت بہ نہ ھئي، ڪشش بہ نہ، پرڪرتيءَ سان ميلاپ جھڙو ڪجھہ ھئو. ڇھڻ ۽ ڇڪڻ چمڻ جو احساسُ، الائي ڪھڙا ڪھڙا وراڪا ڏيئي، خاموشي پکيڙي رھيو ھئو.

چانھہ جو ڍڪ ڀريائين، وندنا تون بہ تہ ڪجھہ نہ ٿي ٻڌائين، تو بہ تہ پاڻ کي پروڙيو ھوندو.

وندنا جي شرمائيندڙ مرڪ چئي ڏنو، شانت وھندڙ جھرڻي جو سيتل مڌر آلاپ ھئو، وھڪرو ھئو، لڙھندا پئي وياسين. نئين نئين جوانيءَ جي لھر ھئي، امرت جل جي نہ جھڙي اُڃ ھئي، ڇَپ ۽ اَنگ آلا آلا ٿي ويا ھئا، سچا

پُسي ويا هئاسين. راجوءَ مُرڪ ڪي مذاقي وَرُڏيندي، واهه واهه جيان چپ ڦهلائي ڇڏيا.

رات تو به ڇا ڪيو.

رڳو مون ڪيو، توڪي ايترو ٽڙيل گُل جيان، مون رات ئي محسوس ڪيو، اهڙي زناني خوشبوءِ ٻي صبري، اڳ تو ۾ ڪڏهن به نه ڏٺم.

رات اسان ڄڻ هڪ ٻئي سانه نه هئاسين، ڪو ٻيو ئي هئو.

تو به ائين مون وانگر ئي محسوس ڪيو، مان به توسان نه، ڪُن سان ئي هوس. رات اسان ٻنهي اُهو ساڳيو چتر ماڻيو آهي.

نهاريندا رهياسين هڪ ٻئي ڏانهن، چپ ڪليل هئا ٻنهي جا، اکيون اوجاڳيل، نشي جي مهڪ واريون.

راجوءِ وندنا پٽي پٽني آهن.

ڪلهه ڇنڇر شام جو پڪچر ڏسڻ ويا هئا.

سئنيما هائوس ۾ ٻيا به ڪيترائي جوان ءِ چنچل جوڙا هئا، ڪن وٽ ڳنڀيرتا به هئي، ڪن وٽ دنياداريءَ سان گڏ، نردوشتا وارو ڏيکاءُ به هئو. ڪي ڪي وڇوليءَ عمر وارا به ٻارن جيان اَڙٻنگ، Just Enjoy واريءَ موڊ ۾ . ڪيترا ڪردار، ماڻڻ ءِ مُنهن گُهنجائڻ واريءَ چترائيءَ سان ڏاهپ وارا ويس وڳا پهريل به هئا.

اَسانجو ديس هاڻي Farward بڻجي ويو آهي. ڪير به ڀاڻ ڪي اَجائي سجائي ڪَسُ ڇو لائي. ٽڪيٽ جي قيمت به ته چڱو ڀڃي ٿي. اَڄجي به ڪڏهن ڪڏهن ٿو، ايترو وقت ئي ڪنهن وٽ آهي.

راجوءِ وندنا جي ٻنهي پاسي، چنچل ناهوُڪڙا جوڙا هئا. پڪچر ڪير ٿو ڏسڻ اَچي، هرڪو ڀاڻ ۾ ئي پوُرو، سنو ئي آهي. راجوءَ جو ڌيان پاسي واريءَ ڇورائي ورتو هئو، وندنا به ڪنهنجي هٿ جي ڇهاءَ ڪي ڇُهي ٿي ورتو. ڪي چنچل اَحساسَ پکڙجي رهيا هئا، جهيڻي جهيڻي تاوَ سان. ڪا شانت هئي،

خاموشي، نہ جهڙي اُڻ تڻ. پل پل ويو ٿي اُٻاڻڪو ٿيندو، ڇُھاوَ موٽا ٻي سُرت.

ڪيرٻہ حاضرڪتي هئو. هٿن کي پيرن جي آڱرين جي نسن کي، اڻچاڻائيءَ اُڇ جو احسان پئي ڏياريو.

انٽرول ۾ آلس پڇي، هرڪو واش روم wash room مان ٿي آيو هئو. راجوءَ ۽ وندنا اَچي چاڪليٽ ورتا. راجوءَ وندنا کي ڪتڪتائي ڪري، سنهڙي ڇُهنبڙي پائي، ڪُرڪري جو پئڪيٽ هڪ هٿ ۾ ڏنو تہ چاڪليٽ ٻئي هٿ ۾. پڪچر شروع ٿي رهي هئي.

اِشانت پاپ - ڪارن Pop corn وٺي آيو هئو. هبڪ هچڪ نمڪين ٻُٽجي پيئي هئي، هٿ گڏجي ٿي ويا، ڳل ۽ اَکيون ٻہ رڌل هيون ترورن جي جهلمل وانگر سُس پُس آهي ريساري. اَکيون مليون ٻہ ٿي تہ سنهڙيءَ مرڪ وانگر سچاٽپ نٽايو پئي.

پڪچر پوري ٿي ويئي هئي، ننڍڙي هئي. هرڪو پاڻ کي سهيڙي رهيو هئو، مرڪ جهڙو ڪجهہ هونگاري، پڇڪاري الڳ ٿي ويو.

اِشانت نالو مون سندس پتنيءَ کان ٻڌي ورتو هئو. سندن وهنوار پتي پتنيءَ جهڙو ئي هئو. پوري اعتقاد سان، پوري حق واسطي وارو. پتي پتني وڏي ملهہ وارو رشتو آهي، اَٽوٽ.

راجوءُ ۽ مان اُن هوٽل ۾ اَچي ويناسين، جتي هميشه ايندا آهيون، هڪ ٻئي سان ڇهنيل ئي هئاسين. مون هُن کي هٿ سان پڪڙي ورتو هئو.

ڪجهہ کائينداسين.

ها کائينداسين، جيڪو گهرائين.

بک تہ لڳي آهي، راجوُ ڏاڍو بکايل پئي لڳو، مان پاڻيءَ جو سڄو گلاس پي ويس.

راجوءَ آرڊر ڏيئي، هوريان هوريان منهنجي هٿ تي هٿ رکي ڇڏيو. مان بہ نماڻائيءَ سان مُرڪي، راجوءَ کي جڻ تہ مڃائي رهي هيس.

چميءَ لاءِ ٻنهي جا چپ ڦڙڪيا پئي.
ڪاڏو آيو تہ ڪائڻ ڪي لڳي وياسين، گهڻو ڪونہ هئو.
اڪين سان چيومانس، اڄ سني آئيسڪريم ڪائيندا سين.
چوُسڻ واري يا ڪائڻ واري.
ٻئي گهراءِ، ٻئي ڪائيندا سين.
ڪائي اَچي ڪار ۾ ويناسين
گهر اَچي فريش ٿي، مون الائي ڪهڙا ڪپڙا پائي ڇڏيا هئا، هوش ڪٿي هئو.
راجوءَ بتي وسائي ڇڏي، نائيٽ لئمپ بہ نہ ٻاري.
رات الائي ڪيئن گذري ويئي هوندي.

ٻہ چار ڏينهن ئي گذريا هوندا، ڪافي هائوس ۾ ويٺا هئاسين، ٿوري جهڪي جهڪي نيري روشني هئي. راجوءَ اَچانڪ هٿ پڪڙي چيو، هوُ ڏس، هُن ميز تي ممتا ۽ سندس مسترئي تہ آهن.

مون ڏٺو اِشانت ۽ سندس پتني هئي. راجوُ ڪجهہ اتُاولو ٿي پيو هئو، مون کيس آڱر سان چپ رهڻ جو اِشارو ڪيو. اسان بہ موَج ڪنداسين، هنن کي ماڻڻ ڏي، هي ننڍڙيون سوڪيم گهڙيون. هينئر تون اِشانت آهين، مان ممتا آهيان. هنن ڏي نهاري ڪي لذيذ پل چورائي ٿا وٺون. مان اِشانت ڏي ڏسان تون ممتا ڏي ڏس. پر ائين ڪونہ ڪري سگهياسين، اسان پڪڙجي پيا آهيون. هيءُ سچ جو سيلاب آهي، اُچ جو جهرڻو.

هڪ ٻئي کي ڪيئن ڏسي ورتوسين، اِها جاڻ بہ رهي ڪانہ. اَچي وياسين هڪ ميز وٽ. اُها شام، هڪ متوالي شرابي رات بڻجي پيئي.

واٽون الڳ الڳ ٿي ويندیون آهن. موڙ وٽ مڙڻو پوندو آهي.

ڏينهن گذرندا ويا، مان ۽ اِشانت، راجوُ ۽ ممتا، هفتي ڏهين ڏينهن ڪٿي نہ ڪٿي، الائي ڪيئن گڏجي ويندا آهيون. مان بتي وسائي، راجوءَ جو هٿ

پڪڙي ويهندي آهيان، ويندي آهيان ساڻس اورينديِ پنهنجين حرڪتن جهڙيون نادانيون، راجوءَ جي ٻانهن ۾ سمهي پوندي آهيان. راجوُ بہ هٻڪي هٻڪي ممتا جو نالو ڪڍندو آهي. اِشانت منهنجيون ڳالهيون، ائين لڪائي لڪائي ممتا کي بہ ضرور ٻڌائيندو تہ هوندو، ضرور ٻڌائيندو هوندو، جيئڻ جو رس ماڻڻ وشالتا آهي، واسنا جسم جو ڌرم آهي، روُپ آهي ساڌنا جو سينگار ايڪاگرتا سنوار آهي، انيڪ ڌڌڙ سان پريل پيچرن جي پتي پتني وشواس سان جڙيل آهن. ريشمي ڌاڳي ۾ ڳنڍيون ڳوڙها بدزيبا لڳندا آهن.

راجوُ مونکي چميون ڏيڻ لڳندو آهي.

اِشانت ۽ مان اڪثر ڪافي هائوس ۾ هوندا آهيون، اُن ڏينهن رستو پار ڪندي، مان بار bar وٽ بيهي رهيس. اِشانت کي آڱر سان اِشارو ڪيم.

چو، بار ۾ چو.

اڄ هلون ٿا، هلي تہ ڏسون.

اِشانت مُنجهي بيهي رهيو ...... مون سندس هٿ پڪڙي اکيون مچڪايون.

ڪُنڊ وٽي اَچي ويٺاسين.

تون پيئنديئن.

ڪڏهن پيتو تہ ڪونہ اٿم، بس اڄ هليا آياسين، هيءَ دنيا بہ ڏسي وٺون.

ويٺا رهياسين، رنگين دنيا آهي، جوانڙيون آهن، چاتين جو اُڀار چلڪٽو ليئا پائيندڙ.

بئري کي چا چئون، اسان کي تہ ڪنهن شراب جي نالي جي بہ جاڻ ڪانهي.

وندنا هٻڪي ...... ڪي بہ ننڍڙا ٻہ گلاس، بلڪل ننڍڙا، چکي ڏسنداسين.

بئرو واٽڙو ٿي ..... ڏسندو هليو ويو.

وندنا بلائوز جي بٽڻ کي .....

اِشانت نهاري، ڇڻ تہ نيزاريءَ سان ڇٽي رهيو هوس، اِهو ڇا ڪيو اٿئي، ڀڪي ڇڏ.

ٻڇ نہ، هوُ سامهون ڏِسُ، سڀ تہ اڻين آهن، سڀ لا طمع آهن.

وقت ڪي پنهنجو هڪ الڳ مزاج بہ ٿئي ٿو، آيا آهيون تہ پاڻ کي سڪايون ڇا لاءِ.

قدرن جي ڳالهہ نہ ڪر آهن، اُهي بہ آهن، ڪن ڪن جا الڳ الڳ آهن.

اِشانت جا انگ لرزي رهيا هئا.

وندنا آٽرڪٽي ڏيڪاريس، ڏس هوُ هڪ ٻئي ڪي ڇميون ڏيئي رهيا آهن، ڪٿي پري پري هليا ويا آهن. نردوش آهن، هنن وٽ اهنڪار بہ ڪونهي، ايرکا بہ ڪانهي.

ٻئرو گلاس رکي ويو آهي، وندنا اڌ خالي ڪري ڇڏيو آهي، هوش وارا احساسَ ڪَرَ موڙي رهيا هُيس.

اِشانت بہ چپ آلا ڪيا آهن، هوُ وندنا ڪي ڪنهن ٻئي رنگ ۾ ڏسي، سوچَ ۾ پئجي ويو آهي.

وندنا ڳيت ڏيئي گلاس خالي ڪري ڇڏيو.

اِشانت اَڌ ڇڏي ڏنو.

وندنا ڪي اُٿاري هلڻ لڳو.

وندنا آناڪاني نٿي ڪري، هوش ۾ آهي، اِشانت جو هٿ پڪڙي رکيو اٿائين.

راجوُءِ ممتا هڪ ريسٽورنٽ ۾ اَچي ويهندا آهن. ڳالهائن ڪونہ، پيا نهاريندا هڪ ٻئي ڏي.

ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪائڻ لاءِ گهرائن، کائيندا بہ، مرڪندا بہ، نهاريندا بہ.

خاموشيءَ ڪي پيئندا ويندا آهن، هنن وٽ لفظ ڪونهن، لفظ نڳ آهن، ڪيترا ڪيترا جار ڦهلائيندا آهن، واٽڪا بہ ٿي پوندا آهن. ٻئي اُڇايل اُڇايل آهن، آٿت ڏيندڙ اُڇ، مريادا واري، فهم واري، ٿڌيءَ ڇانوَ جهڙي اُڇ.

اکين ۾ اٽلڪا چتر اُڀيل اٿن.

چيتن، اَچيتن ڀاونائن ۾ نازڪ نفيس اولڙا، ڪجهه ڳولهيندا رهندا آهن، آڌريون ڇهي وننديون آهن.

ممتا چيو، تو ڪڏهن جبلن کي ڏٺو آهي، برف ڪيئن لڳندي آهي.

جهرڻن جي سنگيت کي اسان ڪٿي ماڻيو آهي. ننڍڙا ننڍڙا رنگين پکي ڳائيندا آهن.

تاريون، پن، وڻن جي ڇانوَ اسان ڪٿي ڏٺي آهي.

ڪلهه اِشانت ٻڌايو تہ اسان هفتي کن ۾ پنهنجي ڳوٺ هليا ويندا سين، اُتي اسانجي زمين آهي، باغ آهي.

اَسان ٻئي ڳوٺن ۾ پليا آهيون، مان بہ ڳوناڻي آهيان، پرڪرتيءَ واري سنويدنا منهنجي سياءَ ۾ آهي. سج چنڊ تارا آسمان. ڪلهہ کان مون سپنا ڏٺا آهن. منهنجو ڳوٺ هڪ ماٿريءَ ۾ آهي، چوڌاري جبل آهن، اُهي ننڍڙا ننڍڙا جبل آهن. چوڌاري ساوڪ هوندي آهي، اسان ٻار ٻوڙون پائيندا آهيون، وڻن مان ڦل نوڙي، ڪري پوندا آهن، جهنگلي ميون سان جهنجهيل وڻ سهڻا لڳندا آهن.

اِشانت مُنجهيل منجهيل آهي، سوچڻ ويهي ٿو رهي، اُپاٽڪو ٿي پيو آهي. مان ٿي چوانس تہ وندنا کي مڃائي وٺي، تون ۽ وندنا بہ اسان سان گڏ هلو، توهان اُتي قدرت جي سونهن کي ماڻڻ ٿي هري ويندا، Enjoy ڪندا. پلي ٿورن ڏينهن لاءِ هلو، اِشانت توهان کي چوڻ کان نٽائي ٿو.

راجوءَ ممتا کي هٿ کان پڪڙي ورتو، نہ ممتا اسان کي هاڻي هڪ ٻئي کان پري هليو وڃڻ ڏي. پاڻ کي وري نئين سر ڳولهيون. وندنا بہ هاڻي ٻرُتي پيئي آهي. اڄ هيءُ آخرين پيرو گڏجون ٿا.

آئيسڪريم کائون تہ هلون.

اَڄ گهڻن قسمن جي آئيسڪريم کائيندا سين.

ممتا ٻارن وانگر آئيسڪريم کائي ڏنگايون ڪري مون کي چيڙائي رهي هئي. ٻاهر هليا آياسين.

گهر وٽ ڪار مان لٿاسين ته وندنا ۽ اِشانت پڻ هڪ ٻئي سان چنبڙيل، گڏ بيٺا هئا. وندنا اِشانت کي ٻانهن کان جهلي بيٺي هئي. اِشانت کيس سهارو ڏيئي رهيو هئو.

هڪ ٻئي سان وِش wish ڪندي هٻڪياسين. پنهنجي پنهنجي واٽ هليا آياسين.

وندنا پاسو ورائي سمهي پيئي آهي، رات ڪيئن گذري، ننڊ نه آئي، مون کيس هٿ سان ٿڦ ٿڦايو ته پاسو ورائي هٿ پڪڙي ورتائين. ٻانهن ۾ آهيون، ننڊ نه ٿي اَچي. سڄو سرير ڳوڙهو ڳوڙهو آهي.

صبح جو بالڪنيءَ ۾ ٽيبل وٽ چانهه جي ٽري کڻي آئي، ويٺي آهي گُم سُم.

چانهه جو ڪوپ ٺاهي ڏنومانس، اکيون اوجاڳيل هُيس، ڪمزور آواز ۾ چيائين، اسان ٻئي پٿر جون مورتون آهيون. اسان وٽ ساڙ وير ايرشا ڪروڌ ڇو ڪونهي.

استري پرش وارو سياءُ ڇو ڪونهي، پتي پتنيءَ وارو تماشو، جهڳڙو رسڻ پرچڻ ڇو ڪونهي.

هميشه وانگر ڪلهه صبح جو به رادا ڪرشن جي ننڍڙين مورتين اڳيان ويهي، اگربتيون ٻاريون هيم، گُل چاڙهيا هيم، جل جي انجلي ورتي هيم. پويترتا ۽ پنيورتا جا ويس ڌارڻ ڪري هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو هيم ۽ توکي چا ٻڌايان، رات ڌاري استري ديهه جو ديدار به ڪري آيس.

**68, Neel Kanth Bunglows -1,**
**Near Mother Dairy,**
**P.O. BHAT. Dist. - 382428 (Gujarat)**

كهاڻي / لكمي كلاڻي



# واپسي

’بابا! اڄ رات جو منهنجو ارادو پنهنجيءَ اسپتال واري فلئٽ ۾ ئي سمهڻ جو آهي. امان، تون دراندران بند ڪري سمهي پئجانءِ. ٻاهران ڪولڻ لاءِ درجي ٻي چاٻي مون وٽ آهي.‘ ڊاڪٽر سنيل پيءُ کان موڪلائيندي ڪين تاڪيد ڪندي چيو.

شامنداس هٿ ۾ پڙهڻ لاءِ ڪنيل ڪتاب ۽ عينڪ سائيڊ ٽيبل تي رکندي ڪانئس پڇيو ’اڄ بہ ڪا امرجنسي آهي ڇا؟‘

’ I C U ۾ ٻہ ٽي سيريس ڪيس آهن، انُهن جي نگراني ڪرڻي پوندي.‘

’پٽ توسان هڪ ڳالهہ ڪرڻي هئي.‘

’بابا اُن بابت اَسين سڀاڻي ڳالهائي سگهون ٿا. هينئر مونکي جلد اسپتال پهچڻو آهي.‘

’سڀاڻو ڪنهن ڏٺو آهي پٽ، تنهنجي ماءُ چيو پئي ......‘

’مان تہ سالن کان چوندي پئي اَچان تہ تون هاڻي پنهنجو گهر وساءِ. اسانجي باقي رهيل اها هڪ اِڇا بہ پوري ڪر. مرڻ کان اڳ مان پنهنجي پوٽي جو منهن ڏسڻ ٿي چاهيان.‘

’اَمڙ اهو ڪيئن ممڪن آهي. ٻار جڻي ڏيڻ لاءِ تہ جوءِ جو هئڻ ضروري آهي‘. سنيل ٺهڪ ڏيندي چيو.

هن دنيا ۾ جوين جي ڪا کوٽي آهي. هڪ ڪي تون ائميريڪا ڇڏي آئين، هاڻي هت ئي ٻي ڪا پسند ڪري پاڻ ڪي ٽِر ٿانءُ ڪر. ٻنان شاديءَ جي ڪيترو وقت پيو هِت هُت ڀٽڪندو وتندين؟

’ماڻهين نيڪ ٿي چوي پُٽ ! تون جيڪو بہ فيصلو ڪندين اسانکي منظور آهي. اسين تنهنجي خوشيءَ جي آڏو ڪين ايندا سين.‘

سنيل پنهنجي ماءُ پيءُ جو اهو ور ورڌُهرايل آڱرهه ٻڌو اٿبڌو ڪري اَچي پنهنجي ڪار ۾ ويٺو. نيپالي دربان هن لاءِ بنگلي جو گيٽ کولي رکيو هو.

سنيل جي وڃڻ بعد شامنداس ٽيبل لئمپ ٻاري اڌ ۾ ڇڏيل ڪتاب وري پڙهڻ شروع ڪيو. ائميريڪا مان دوارڪي جي آندل پارسل مان راڌا ريشمي گائون ڪڍي پهري آئي هئي ۽ پشميني واري شال مڙس کي پهرائيندي ڪانئس پڇيائين 'هيءَ توهان کي ڪيئن ٿي لڳي؟ نيلم اسان ٻنهي لاءِ هي سوکڙيون موڪليون آهن'.

'سٺيون آهن. تنهنجو گائون ۽ منهنجي شال ٻه. شابس اٿس اسان کي ياد ڪيو اٿائين.'

'توهان هن جو خط پڙهيو؟ ڇا لکيو اٿائين؟

'اهو ئي پنهنجي چڱڀلائيءَ جو احوال. پنڪي هاڻي وڏي ٿي ويئي آهي. هن سال ڪاليج ۾ ائڊميشن ملي اٿس. توهان کي ڏاڍو ياد ڪندي آهي.'

پنڪيءَ جي جنم مهل هو ٻه ئي پنج ڇهه مهينا شڪاگو رهي آيا هئا. سنيل ۽ نيلم کين هاڻي اُتي رهي پوڻ لاءِ ايلاز منٿون ڪيون هيون. پوٽيءَ کي کيڏائڻ کڏائڻ، کيس پالي پوسي وڏو ڪرڻ لاءِ راڌا جي ته دل سُرڪي هئي. پر شيام کي اُتان جي ڀڄ ڊوڙ واري فاسٽ لائيف پسند نه آئي. هن ته پاڻ سنيل مٿان زور آندو هو ته تو هت گهڻو ئي ناڻو ڪمايو آهي، هاڻي واپس پنهنجي ملڪ موٽي هل. اُتي اسان کي تنهنجي وڌيڪ ضرورت آهي.

سنيل بجاءِ نيلم کيس جواب ڏنو هو. 'اسان هتان جي لائيف تي ايترو ته هري مري ويا آهيون جو هاڻي اِنڊيا ۾ پاڻ کي نڀائي نه سگهنداسين. اسانجو موٽڻ محال آهي، ڊئڊي!

تڏهن شامنداس هن جي ڳالهه ٻڌي چپ ٿي ويو هو.

هاڻي هن جوءِ کي چيو 'سڻو ٿيو جو تو سنيل سان دوارڪي جي آندل هن پارسل جي ڳالهه نه ڪئي. اها ڳالهه کيس اصل نه آئڙي ها ته نيلم ۽ پنڪيءَ ڏانهن سوکڙيون موڪلڻ جي پهل تو ڪئي هئي. تو ئي شڪاگو وڃڻ مهل دوارڪي کي نيلم جي ائڊريس ۽ فون نمبر ڏنو هو.

رسيپشن تي موجود مس جيوتي ڊاڪٽر سنيل کي ٻڌايو تہ اسپتال جي مئنڙن مئڊم بوس جنرل وارڊ ۾ توهان جو انتظار ڪري رهي آهي.‘

سنيل جو اهو نيم ٻڌجي ويو هو تہ رات جو رٽائر ڪرڻ کان اڳ اسپتال ۾ پڙتي ٿيل انڊور پيشنٽس جو سُڌ سماءُ لهندو هو. جيوتيءَ کي چيائين ’شالنيءَ کي چئہ تہ مان آءِ. سي. يو. جو رائونڊ لڳائي، مٿي اَچان ٿو. ٻيو ڪو ميسيج؟‘

’مسٽر دوارڪاداس توهان لاءِ هيءُ پارسل ڇڏي ويو آهي. هو سڀاڻي توهان سان گڏجندو.‘

’فائين ! تون اهو مٿي منهنجي فليٽ ۾ موڪلي ڏي!‘

ائميريڪا کي هميشه لاءِ گڊ باءِ ڪري اَچڻ بعد ڊاڪٽر سنيل گڏريل ڏهن سالن ۾ ديس جي هن ننڍي پيل علائقي ۾ ماڊرن اُپڪرمن واري هڪ شاهي اسپتال اسٿاپت ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو هو. ائميريڪا ۾ ئي هو باءِ پاس سرجري ڪرڻ وارو هڪ ماهر ڊاڪٽر ليکيو ويندو هو. هت اچڻ بعد سندس اها شهرت چوڏاري پکڙجي ويئي هئي. ٻين شهرن جا بہ ڪيترائي مريض هن وٽ اَچي شفاياب ٿي ويندا هئا.

البت ماءُ پيءُ کي ڏنل انجام موجب هو هيٺئين طبقي جي مريضن جو علاج تمام واجبي فيءَ تي ڪندو هو. غريبن مسڪينن جو تہ پاڻ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري سندن دُعائون ميڙيندو هو. هن جي زندگيءَ کي هاڻي هڪ دِشا ملي ويئي هئي، ڪيس اها سارٿڪ محسوس ٿيڻ لڳي هئي. پيار جو اهو پورهيو ڪيس نهايت ئي گهڻي خوشي، سُڪون عطا ڪندو هو.

انٽينسو ڪيئَر يونٽ ۾ هن مهل رات جي وڏي سناٽو ڇانيل هو. اٽڪل ڏهاڪو مريض نازڪ حالت ۾ پڙتي ٿيل هئا. بہ مريض تہ وينٽيليٽر تي موت سان ڪشمڪش ڪري رهيا هئا. هڪ کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي، هن جي منهن تي آڪسيجن جي ماسڪ لڳل هئي. هڪ پيشنٽ جو روڊ

ائڪسيڊنٽ ۾ ڪافي خون وهي چڪو هو. بلڊ بئنڪ مان ٽي بوتلون خون جون ٻئرائي ڪيس چاڙهيون ويون هيون. رڳ جي نلي ذريعي، ٻانهن جي نس ۾ ڪين گلوڪوس جي خوراڪ ڏني پئي وڃي. ڊاڪٽر ونود شرما ۽ ٻن نرسين جي مدد سان سنيل هڪ هڪ پيشنٽ جي چڱي طرح تپاس ڪئي. ڪين ضروري هدايتون ڏيئي ۽ امرجنسيءَ ۾ ڪين فون ڪري گهرائي ونڻ لاءِ چئي هو ٻاهر آيو.

سنيل لفٽ ۾ چڙهي فرسٽ فلور تي جنرل وارڊ ۾ پهتو، جتي مڪدم بوس هن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. هن ڪان مٿي سيڪنڊ فلور تي نويڪلا ڪمرا ۽ اُن ڪان مٿي ٿرڊ فلور تي اسپيشل سوٽ مٿئين طبقي لاءِ، جيڪي افورڊ ڪري ٿي سگهيا. سنيل وچولي ۽ هيٺاهين طبقي جي مريضن ڪي جيڪي جنرل وارڊ جي ڊارمٽري ۾ پيا هئا، هڪ هڪ ڪري ڏسڻ لڳو. شالني سندن بيماريءَ جو چارٽ ڪڍي انهن جي موجوده حالت ڪان ڊاڪٽر ڪي واقف ڪندي ٿي هلي. سنيل سيني ڪي ڪيڪاريندو، سندن نبض تپاسيندو، اسٽيٿيسڪوپ سان سندن دل جي ڌڙڪن چيڪ ڪندو ۽ سندس جلد نوٽبني ٿيڻ جي ڪامنا ڪندو اڳتي وڌندو هليو. ڊاڪٽر جي همدرديءَ جا ٻه ٻول ٻڌي سندن ڏک درد گهٽو گهٽجي ٿي ويو. جنرل وارڊ جو انچارج ڊاڪٽر ترويدي سندس ڏنل هدايتون نوٽ ڪندو ٿي ويو.

انڊور پيشنٽس جي نگراني پوري ڪرڻ بعد شالني ڊاڪٽر سنيل ڪي سندس رهائش واري ڪمري تائين ڇڏڻ آئي. هن اسپتال ڪي اسٽاپٽ ڪرڻ ۾ شروع ڪان ئي هوءَ سندس ٻانهن ٻيلي هئي. هن ڪيس تنيءَ ٿڏيءَ سات ڏنو هو. جڏهن ڊاڪٽر سنيل اخبارن ۾ ڊاڪٽرن، نرسين ۽ اسپتال جي ٻين ڪرمچارين لاءِ اشتهار وجهايو هو، خوشنصيبيءَ سان ڪيس آرمي هاسپيٽل مان والنٽيري رٽائرمينٽ ورتل هيءَ هڪ نهايت ئي قابل، آزمودگار ۽ هڏ ڏوکي مٽئرن ملي ويئي، جنهن ڪي سندس مُنهن گُهري وڌي پگهار ڏيئي، اسپتال جي ائڊمنسٽريشن جو سمورو ڪاروبار سوٽپي سنيل بي اونو ٿي ويو هو.

پنهنجيءَ فلئٽ ۾ سنيل ڊاڪٽري لباس مان پاڻ ڪي مڪت ڪري باٿ

روم ۾ گهڙيو. شاور هيٺ اِشنان ڪري، گائون پهري، ٻاهر نڪرڻ بعد هن پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪيو. اسپتال جو اردلي دوارڪي جو ڇڏي ويل پارسل ٽيبل تي رکي ويو هو. هن پارسل کوليو. فل سوٽ جو ڪپڙو هو. سندس منپسند هلڪي آسماني رنگ وارو. اُن سان گڏ هڪ خط بہ هو. اُن تي نيلوءَ جي لکاوٽ سڃاڻي هن کي جهٽڪو لڳو. چاهيائين ٿي تہ اُن کي جيڪر بنان پڙهڻ جي ڦاڙي ڊسٽ بن جي حوالي ڪري ڇڏيان. هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ جو فوٽو بہ اُن ۾ هو. هن اُن ڏانهن ڇتائي نهاريو. پنڪي هاڻي جوان ٿي ويئي هئي. پنهنجيءَ ماءُ جي ڪاربن ڪاپي. هو ڪيس ڪيڏو نہ پيار ڪندو هو. ننڍپڻ ۾ ڪيس ڪيڏائڻ ڪيڏائڻ جا ڪيئي درشيہ هن جي اکين اڳيان ترڻ لڳا. اُن وقت هن پاڻ کي ڪيترو نہ خوشقسمت محسوس ڪيو هو. هن وٽ سڀ ڪجهہ هو. ڌن دولت، عزت شهرت، ماءُ پيءُ جي آسيس ۽ نيلوءَ ۽ پنڪيءَ جو پيار. اُلائي ڪهڙي منحوس گهڙي سندس خوشنما آکيري کي آگ لڳائي ويئي. اهو تهس نهس ٿي اُجڙيل آشياني ۾ تبديل ٿي ويو.

نيلوءَ خط ۾ لکيو هو :

سنيل ڊيئر - ڄاڻان ٿي تنهنجي نالي سان اهو ڊيئر لفظ لکڻ جو اڌڪار مان کوهي چڪي آهيان ان لاءِ مان پاڻ جوابدار آهيان. تو جڏهن واپس اِنڊيا هلڻ جو فيصلو ڪيو مون توسان گڏ هلڻ کان صاف انڪار ڪيو. ڪي سال امريڪا جي صاف ستري وايومنڊل ۾ ساهہ کڻڻ بعد انڊيا جي پوسائيل ماحول ۾ منهنجو دم گهٽجي وڃي ها. اهو هڪ انديشو هو. ٻيو پنڪيءَ جي ڀوشيہ جو سوال هو. هت هاير ايڊيوڪيشن حاصل ڪرڻ ۽ ڪجهہ بڻجي ڏيکارڻ جون کيس سڀ سهوليتون ميسر هيون.

منهنجي ان فيصلي ونڻ پنيان تنهنجي دوست جانسن جي بہ پوري سپورٽ هئي، جنهن جي پبلشنگ هائوس ۾ تو مونکي نوڪري وٺي ڏني هئي، جانسن مونکي مدد ڪرڻ ۽ پنڪيءَ کي پڙهائي لکائي، پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جا واعدا ڪيا هئا. مان هن جي وڇايل سونهري جار ۾ ڦاسي ويس.

اڄ هڪ عرصي کان جانسن لاپتا آهي. پنڪي پنهنجي پيءُ جي پيار کان وانجهيل آهي. مان پاڻ کي بيحد اڪيلو اُٻاڻڪو محسوس ڪري رهي آهيان. هن مائوس ٽرئپ مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو نٿو سجهي. مان اِنڊيا واپس اچڻ تي چاهيان. زندگيءَ جي بدلجي ويل حالتن سان پاڻ نڀائڻ لاءِ تيار آهيان. ڇا تون ان ڏس ۾ اسانجي ڪا مدد ڪري سگهندين.

تنهنجي بد نصيب نيلو

هيءَ ڇوڪري ته ڏاڍي ناهوڪي آهي، ڪير آهي؟

ڪمري ۾ تازن ڳلن جي مهڪ محسوس ڪري سنيل پنيان نهاريو. شالني وهنجي سهنجي وچ واري دروازي مان اندر اَچي، ٽيبل تي رکيل فوٽو ڏانهن ڏسندي پڇيو.

’منهنجي ڌيءَ پنڪي آهي. شڪاگو ۾ پڙهندي آهي.‘

’ته ڇئبو اڄ توکي نيلوءَ جو خط آيو آهي، هن توڏانهن هيءَ گفٽ به موڪلي آهي.‘

’ها ڏهن سالن کانپوءِ ڪيس منهنجي ياد آئي آهي. دَ انسولنٽ سيلفش بِچ!‘

’اهڙا هارش وردس تنهنجي منهن مان شوڀيا نٿا ڏين. منهنجي صالح مچين ته ڪيس واپس گهرائي وٺ. لڳيٿو ته هوءَ پنهنجي ڪئي تي پشيمان آهي.‘

سنيل ڪي ڪو جواب ڏيندو نه ڏسي، شالني ڳالهه جو رُخ بدلي کيس چيو ’مان توکي هڪ خوشخبري ٻڌائڻ آئي آهيان. راهل کي ايندڙ مهيني نئشنل ڊفينس اڪاڊميءَ مان ڪميشن ملي رهي آهي. پنهنجي گهوٽ جي ڏٺل سپني کي ساڪار ٿيڻ جي اها خوشي مان لفظن ۾ بيان ڪري نٿي سگهان. مون هن سان واعدو ڪيو هو ته سندس پٽ به آرميءَ ۾ ڀرتي ٿي هن جيان ئي ميجر ڪرنل بڻجي ديس جي رکيا ڪندو. سنيل کي ڄاڻ هئي ته شالنيءَ جو هسبنڊ ميجر آستوش بوس ڪشمير تي آتنڪوادين جي حملي کي ناڪام ڪندي شهيد ٿيو هو.

شالني ڇئي رهي هئي. ’مان سوچيان ٿي ته هاڻي مونکي راهل جي پوشيه

بابت پلئن ڪرڻو پوندو. ڪلڪتي ۾ مسواڙ تي ڏنل فلئٽ خالي ڪرائي ان جو قبضو واپس وٺڻو پوندو. هن لاءِ ڪا سشيل چوڪري ڳولهي ڪيس شادي ڪرائڻ جي بہ جوابداري مونکي نباهڻي پوندي. گهرگرهستيءَ جا اهي سڀ فرض پورا ڪرڻ لاءِ مونکي هاڻي تنهنجي اسپتال جي هيءَ چاڪري ڇڏڻي پوندي.

’اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هيڏي وڏي اسپتال جي جوابداري، مان اڪيلي سر ڪيئن سنڀالي سگهندس.‘

’اخبار ۾ اشتهار ڏجانءِ. توکي مون کان گهڻو بهتر هڪ نہ ڪيئي مئٽرنس ملي ويندين.‘

’هن مسئلي جو ٻيو ڪو حل ڪونهي. مون توکي هيل تائين رڳو پنهنجو بزنيس پارٽنر ئي نہ پر لائيف پارٽنر بڻجڻ جي بہ ورورپئي آڇ ڪئي آهي.‘

’نہ اهو ممڪن ناهي. تون مونکي خوشيءَ سان موڪل ڏي. تو ڏکئي وقت ۾ مونکي سهارو ڏنو ان لاءِ مان هميشه تنهنجي آڀاري رهنديس.‘

سنيل ڪا دير ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. هن جي زندگي هڪ ڀيرو وري ڪروٽ بدلي رهي هئي. هڪ ڀيو ڏڏڪو سهڻ لاءِ ڪيس وري نئين سر پاڻ کي تيار ڪرڻو پوندو.

شالنيءَ ڪيس صوفا تان اُٿاري بستري تي ليٽائيندي چيو ’تون سچي ڏينهن جو ٿڪل آهين، هاڻي پنج ڇهہ ڪلاڪ ننڊ ڪري وٺ سڀاڻي توکي هڪ ميجر آپريشن بہ ڪرڻو آهي، وڌيڪ نہ سوچ.

’اسين هڪ چوڙاهي تي گڏياسين. گڏجي هڪ فاصلو پنڌ ڪيوسين. هينئر ٻئي چوڙاهي تي اَچي وچڙون ٿا.

اَسان جون گڏ گهاريل گهڙيون هميشه اسان سان ساڻ هونديون.‘

**6, Maleer,**
**Ward 4-A**
**Adipur (Kutch) 370205**



ليک / ستيش روهڙا

# هريش واسواڻي - هڪ اعليٰ اديب-
# هڪ يگانو رچناڪار

هريش واسواڻي - سرحد جي هِن پارخواه سرحد جي هُن پار سنڌي ادب ۾ هڪ دهشت پيدا ڪندڙ اعليٰ اديب جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو آهي. سندس سوکيم چنتن، گهرو اَبياس، اَڇوتن عڪسن ۽ سمبلس سبب هڪ گنڀير ۽ مخصوص شئلي هريش کي ٻين سيني سنڌي اديبن کان نہ رڳو الڳ ۽ نرالو پر مَٿيرو ڪري بيهاريندي آهي.

هريش جي زندگيءَ جو سفر تہ لڳ ڀڳ مُني صديءَ جو هو. هوُ ١٩٤٠ ۾ ڄائو هو ۽ ٢٠١٣ ۾ هُن هِن دنيا کي الوداع ڪئي پر سندس ادبي سفر هڪ ڏهاڪي کان بہ گهٽ آهي. هريش جو پهريون ڪتاب ٤٠-٧٦ هو جيڪو هريش جي ڪوتائن جو ڪتاب هو. هريش جو ٻيو ڪتاب، چار سال پوءِ يعني ١٩٨٠ ۾ شايع ٿيو اِهو هريش جي ڪهاڻين جو ڪتاب هو، جنهن جو نالو هو ٤٠-٨٠. ان کان چار سال پوءِ ١٩٨٤ ۾ هريش جو ٽيون ڪتاب شايع ٿيو، اهو هريش جي آلوچنائن جو ڪتاب هو جنهن جو نالو هو ٤٠ -٨٤. هريش جي ان ڪتاب تي ئي کيس ساهتيہ اڪادميءَ جو اوارڊ حاصل ٿيو هو. هريش جي باقي رهيل ادبي موڙيءَ کي سهيڙي هري موٽواڻيءَ ’ٻڙي تي ٻڙيون‘ نالي سان ٢٠٠١ ۾ شايع ڪيو.

هريش جي ڪتابن جا انگن ۾ رکيل نالا لاشڪ نرالا آهن. اُن کان اول ۽ شايد ان کان پوءِ بہ ڪو ڪتاب مون کي ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي جنهن جو نالو انگن ۾ رکيل هجي. ڪتابن جي انهن نالن جي معنيٰ جي گهٽڻ دوستن کي خبر آهي.

ڪتابن تي لکيل ٻن انگن مان پهريون انگ هريش جي جنم جو سال آهي ۽ ٻيون انگ ان ڪتاب جي شايع ٿيڻ جو. ان ڪري ٽنهي ڪتابن ۾ پهريون انگ ۴۰ هريش جي جنم جو سال آهي ۽ ۷٦، ۸۰، ۸۴ انهن ڪتابن جي شايع ٿيڻ جا سال آهن. باقي چوٿين ڪتاب 'ٻڙي تي ٻڙيون' بابت هري موٽواڻيءَ جي جاچنا آهي تہ اهو نالو ڪنهن فلاسافيڪل نقطي جو آڀاس ڪرائي ٿو. ها، اهو آڀاس ڪرائي ٿو پر ان آڀاس جو آڪار ڳولهي لهڻ شايد ممڪن نہ آهي.

هڪ ٻڙي اننت ڪال ڌارا ۽ ٻي ٻڙيون اِن جي ٽن کنڊن ماضي، حال ۽ مستقبل بہ ٿي سگهن ٿيون تہ هڪ نرگڻ جا ٽي گڻ - ستو گڻ، تَمو گڻ ۽ رجو گڻ بہ ٿي سگهي ٿو. پر اِن آڀاس جي ويجهو آڪار لڳي ٿو. هن ڪتاب جي هڪ ٻڙيءَ ۾ هريش جي اول جي ٽن ٻڙين - ٽن ڪتابن جي جهلڪ چو تہ هن ڪتاب ۾ هريش جون ڪجھہ ڪوتائون، ٻہ ڪهاڻيون ۽ ڪجهہ آلوچناتمڪ جاچنائون آهن. ان کان سواءِ هن ڪتاب ۾ 'سفرنامو' هڪ الڳ ٻڙيءَ جي روپ ۾ موجود آهي. هريش جي اها فلاسافيڪل فطرت هونءَ بہ هر رچنا ۾ ظاهر آهي.

هريش جديد رچناڪارن جي بانين مان هو. ائين تہ سنڌي ادب ۾ جديد ادب جي شروعات ستين ڏهاڪي جي وچ ڌاري مڃي ويندي آهي پر جديد سنڌي ادب، خاص ڪري سنڌي جديد ڪوتا جو اُسريل نکريل ۽ چٽو روپ هريش جي ڪوتا ۾ ئي نظر اَچي ٿو. هريش جي هڪ مشهور ڪوتا 'پرش وشيا' ئي سموري جديد سوچ جو ثبوت آهي. ڪوتا تہ وڏي آهي - مان هتي رڳو پڇاڙيءَ جون ڪجھہ سٽون لکي رهيو آهيان.

سڙڪن ۽ چارديوارين جي وچ ۾ ڪو
ڪميٽو سمجهوتو آهي.
غلط هنڌن کان بچڻ جي ان ناٽڪ ۾
سڙڪن تي مون کي روزي ڏيئي
چارديوارين ۾ منهنجي تن من سان ويچار ڪري

هي شهر
مون کي ڏيري ڏيري پرش وڻشيا جو روپ ڏيندو ٿو وڃي.

هتي سڙڪون سمبل آهن سماجڪ رچنا جو جتي اِنسان کي جيئڻ لاءِ سمجهوتو ڪري هلڻو ٿو پوي ۽ چار ديواريون آهن سموري ڪٽنبي ويوسٿا جون جنهن ۾ شادي، سيئي رشتا ناتا اَچي ٿا وڃن. ۽ شخص انهن پنهي ويوسٿائن جي وچ ۾ چوسجي رهيو آهي. جيئن هڪ وڻشيا جيئڻ جي ڪشمڪش ۾ روٽي روزي ۽ سماجڪ ويوسٿا جو شڪار بڻجي پين جي وحشت جي شڪار ٿيندي رهندي آهي. اَڄ پرش يعني فرد بہ ان وڻشيا وانگر بڻجندو ٿو وڃي. حقيقت ۾ جدت جي مول فلاسافي سماجڪ ۽ ڪٽنبي ويوسٿا کي ناڪارڻ ئي آهي.

هڪ ٻي ڪوتا ڏسون جيڪا بہ جديد ادب جي فلاسافيءَ کي واضع ٿي ڪري.

دنيا جو پهريون انسان ناستڪ هو
اڻ ڄاڻائيءَ ڪري
دنيا جو پويون انسان
ناستڪ بڻبو
ڄاڻ جي ڪري.
هونءَ هربار انسان جڏهن اکيون ٿو پوٽي ايشورجو موت ٿو ٿئي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ جديد ادب جڏهن ڪٽنبي ۽ سماجڪ ويوسٿا کي ناڪاري ٿو تہ هو ايشور جي وجود کان بہ انڪاري آهي. هريش جي ڪوتا ۾ جديد ادب جي بيحد تکي ۽ اثردار تصوير نظر اَچي ٿي. پر هريش جي ڪوتا جي اها خوبي آهي تہ ان ۾ جديد ادب جي نالي ۾ اظهار پائيندڙ اَشليلتا ۽ ولگرٽي نہ آهي. ان ۾ جوش پيدا ڪرڻ جي بدران شعوري سطح تي پهچڻ جي اَپيل آهي. شئليءَ جي خيال کان بہ جڏهن جديد ڪوتا سڌو سنئون نثر بڻجي ويئي هئي، تڏهن هريش جي ڪوتا ۾، ڪوتا جو احساس ڪندڙ هڪ رچنا لئہ - هڪ ڀاو لئہ آهي، جيڪا کيس نثر کان الڳ ٿي ڪري.

هريش جي ڪوتا جيان هريش جون ڪهاڻيون بہ جديد ادب جون ڪهاڻيون آهن. هريش اهو ڪونہ ٿو مڃي تہ ادب ڪو سماج جو مارڳ درشڪ ۽ سماج کي سڌارڻ جو وسيلو آهي. هن جي خيال موجب حالتن جي موجوده دٻاءَ ۾ شخص جو وجود ختم ٿي رهيو آهي. اينديڙ انسان بابت هريش جو سوچ سندس هڪ ڪهاڻي 'سلسلو' ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

'ڪُنتي هڪ دفعو وري سندس دماغ ۾ اَچي ويئي هئي. پر هينئر ان جو ننگو بدن ڪيس رتي ماتر بہ رومانچت ڪونہ ڪري رهيو هو. اٽلو ڪنتيءَ جي ۽ٻجهي عضوي جو خيال ڪري ڪيس بڇان اَچڻ لڳي. هن اٿين بہ محسوس ڪيو تہ رات بہ هن هڪ قسم جو روڳ وهايو هو. ڳو اهو دماغ جو روڳ ڪونہ هو. ڪنتي جي ساڻس ڳڏ رهي تہ هوُ اهو روڳ وهائيندو رهندو ۽ ڪنتي ان کي ڏارڻ ڪندي رهندي. ان مان هڪ اهڙو انسان پيدا ٿيندو جو ٽٽل دماغ ۽ وهنديڙ روڳ جو سلسلو ڪٽي ايندو جو شروع ڪان هن جي هستيءَ کي ناڪاريندو ايندو ۽ هڪ ڏينهن جڏهن ڏٻري سرير سان هو سندس انتظار ڪندو تہ اهو ڪيس سڃاڻڻ ڪان بہ انڪار ڪري ڇڏيندو.'

ڪهاڻيءَ جي هن هڪڙي مثال مان ٿي جديد ادب جي حوالي ۾ استري - پرش ۽ پتا پُتر جي اڻ وٽنديڙ ڪوڪلي سٻنند ۽ وهايل روڳ ۽ ٽٽل دماغ واري غلاظت پريل ناجائز پيڙهيءَ جي پيدائش جو بيان ڪيل آهي. ان مان جديد اَدب جي دارشنڪ آڌارجو ۽ هريش جي ان سان وابستيءَ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

هتي هريش جي آلوچنا مان هڪ مثال ڏيڻ بہ بيجاءِ نہ ٿيندو.

'وياڪيا ممڪن نہ آهي. وياڪيا مريادا آهي، ڪويتا نہ. ڪويتا بہ مريادا بڻي آهي، تڏهن جڏهن اُن وياڪيا جو سروپ ورتو آهي يا وياڪيا جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جو آياس ڏنو آهي. ڪيترا دفعا انسان وڏيڪ سوچ ۽ بغاوت ڪرڻ لاءِ تڏهن مجبور ٿيو آهي جڏهن هو وياڪيائن کي وڏيڪ سهڻ ۾ سمرٿ نہ رهيو آهي.'

حقيقت ۾ ڪوتا هجي، ڪهاڻي هجي چاهي آلوچنا، هريش سيني صنفن ۾ سوچ خواهہ اظهار ۾ نہ رڳو نرالو آهي پريگانو آهي. جنهن جهڙو ٻيو ڪو

سنڌي ادب ۾ اَهڙو رچناڪار ڪونهي.

هاڻي ’ٻُڙي تي ٻڙيون‘ ڪتاب ۾ (ڪڇ تي) هڪ سفرنامو شايع ٿيل آهي، اهو بہ اَهڙو ئي نرالو ۽ اعليٰ درجي جو آهي جو اهڙو سفرنامو سچ تہ هن ڪان اول سنڌي ادب ۾ ڏسڻ لاءِ نہ مليو آهي. هڪ مثال پيش آهي.

’اَنجار مونکي اُن معصوم ٻوناٽي وانگر لڳندو آهي جيڪو پنهنجي جهوني دوست پُڇ کي لڳل نين عِلتن جي بانس کان پاڻ کي بچائي ڪونہ ٿو سگهي. نہ ئي پنهنجي نئين پاڙيسري گانڌيڌام جي دهشت کان آجو ٿي ٿو سگهي. ٻنهي سان سچ ڳالهائي بہ ڪونہ ٿو سگهي. مونکي ڏپ آهي، منجهس ڪنهن قسم جي ڪا آتم - هيٺتا نہ اَچي وڃي. من جو روڳ لڳي ويندس تڏهن.

ائين هريش جديد سنڌي ادب جي سيني اهم صنفن ڪوتا، ڪهاڻي، آلوچنا وغيره ۾ پنهنجي اَمٽ ڇاپ ڇڏي آهي. سنڌي ادب جي راهہ تي هريش جيڪي پنهنجا نقش قدم ڇڏيا آهن انهن کي اورانگهڻ ڪنهن بہ اديب جي وس کان ٻاهر آهي. هريش سنڌي جديد ادب ۾ هڪ بيحد ئي اهم نالو آهي ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

**5, Maleer,**
**Ward 4-A**
**Adipur (Kutch) 370205**

## شرڌانجلي



برک ڪهاڻيڪار، ’سپون‘ جي سمپادڪ ۽ سيتا سنڌو پون جي روح روان شري ٺاڪر هيرانند چاولا (جنم : 18-2-1931) جي اوچتي ديهانت (12-12-2013) تي اسين سنڌس عزيزن، مترن ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

**سنڌالاجي پريوار**

ليک/ مدد علي سنڌي

## ٢٢ نومبر ١٩۴٠ - ڪهاڻيڪار هريش واسواڻي

پروفيسر هريش واسواڻي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو نالو. ڪهاڻيڪار / شاعر ۽ هڪ تنقيد نگار!، ١٣ اَپريل ٢٠١٣ تي، دهليءَ ۾ خاموش ٿي ويو. هڪ چمڪندڙ تارو، هڪ سگهارو آواز! پر سندس لکيون جاندار. اهي سدائين ڳالهائيندڙيون رهنديون. ڪيس سنڌي ادب ۾ هميشه زنده رکنديون!

هو ڪنهن هنڌ (پنهنجي ڪوتا ۾) لکي ٿو :

'انسان جي ڪلهن تي رکيل
هيءُ زندگيءَ جو بار نہ آهي،
موت جي صليب جو بوجھہ آهي !
انتظار صرف، ان مقدس اَستان جو آهي،
جتي هن کي لٽڪايو ويندو!'

سنڌي ٻوليءَ جو جينيس ڪهاڻيڪار، ڪوي ۽ تنقيدنگار هريش واسواڻي، ٢٢ نومبر ١٩۴٠ ع تي بلوچستان جي شهر لورالائيءَ ۾ پيدا ٿيو. ڪجھہ وقت خيرپور لقمان ۽ سکر ۾ رهيو. ورهاڱي وقت هندستان هليو ويو. ان مهل سندس ڄمار ٽہ ست اَٺ سال هئي. پر بلوچستان ۽ سنڌ جي ڪيس جهڪي ياد هئي. سندس وڏا باغن جا ٺيڪا کڻندا هئا. ان ڪري خيرپور جا باغ، ٻنيون، ساوا وڻ ڪيس ياد هئا. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس قدرتي نظارا ڏاڍا وڻندا هئا. ننڍڙي هوندي کان وٺي سندس پيءُ هنسراج واسواڻي سندس آئيڊيل هوندو هو. هندستان ۾ هو بانٺوا، جهوناڳڙهہ، بندرابن، آگري، اَجمير ۽ دهليءَ جهڙن شهرن ۾ رهيو. سال ١٩٥٩ ۾ حيدرآباد سنڌ واري سيٺ پرتاب راءِ جي اڏيل سامونڊي شهر گانڌيڌام کي پنهنجو ٺڪاڻو وڃي بڻايو. آخرڪار زندگيءَ جا

آخري ڏينهن هن نئين دهليءَ ويجهو نوئڊا ۾ گذاري ڇڏيا. عليڳڙهه يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس، انگلش ۾ ايم. اي. ڪيائين. آديپور جي تولاڻي ڪاليج آف آرٽس اينڊ سائنس ۾ پوليٽيڪل سائنس ۽ انگلش جو پروفيسر ٿي ڪم ڪندو رهيو. ١٩٦٦ ۾ اندرا واسواڻيءَ سان سندس وهانءُ ٿيو. اندرا بہ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ سٺي ڪهاڻيڪار هئي. اندرا واسواڻي، آڪٽوبر ٢٠١٢ع تي دهليءَ ويجهو نوئڊا ۾ گذاري ويئي.

هريش 'مسڪراهٽ' جي نالي سان پهرين ڪهاڻي ١٩٦٢ ۾ لکي. اها بمبئيءَ جي 'نئين دنيا' مخزن ۾ شايع ٿي. پوءِ هن جون مختلف ڪهاڻيون، رچنا، ساهت ڌارا ۽ ٻين مخزنن ۾ شايع ٿينديون رهيون. سندس ڪهاڻين جو فقط هڪ مجموعو ڇاپيل - اَسي آهي. ان ڪانسواءِ ڪتاب ٻڙي - ٿي ٻڙيون ۾ سندس ڪڇ جو سفرنامو ۽ ڪجهہ ڪهاڻيون شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ ڪي جن اديبن، نيون يعني جديد ڪهاڻيون ڏنيون، انهن ۾ هريش واسواڻيءَ جو نالو گهڻو مٿي آهي. سندس رچنائن ۾ نئين ڪويتا هجي، يا ڪهاڻي، پنهنجو جدا انداز آهي. گهرو اپياس - اونهي سوچ ۽ هر ننڍي ڪان ننڍي ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکي، لکڻ جو ڍنگ، هريش واسواڻيءَ کي ايندو هو. هن جڏهن لکڻ شروع ڪيو، ان وقت سنڌي ساهت جو جديد دور هو. ائبسرڊ ۽ هستيواد ليکڪن جو مٿس اثر رهيو. اهو دور هندستان ۾ سنڌي ادب / ڪهاڻيءَ جو شروعاتي دور هو. ان وقت اهي لاڙا، بلڪل نوان هئا. هاڻ تہ سڄي دنيا ۾ لٽريچر ماڊرن ازم / پوسٽ ماڊرن ازم ڪان اڳتي نڪري ويو آهي. پر هيءَ ڳالهہ اڌ صدي اڳ جي آهي. ڳالهہ ان دؤر جي آهي، جڏهن هندستان ۾ جديد سنڌي ادب لکجي رهيو هو. اهو جديد ادب اولهہ مان آيو هو. هندستان جا اسانجا سنڌي اديب انهن صنفن ڪان واقف هئا. ان دور يعني ويهين صديءَ ۾ چار ماڊل مارڪسزم / سائيڪو اينالسس / هستي واد، جا نظريا مٿاهان هئا.

هند جا جديد ڪهاڻيڪار، هستي واد، ۽ جديد ادب سان لاڳاپيل هئا. موهن ڪلپنا، لال پشپ، گنو سامتاڻي، ڪي. ايس. ٻالاڻي، هريڪانت، آنند

ڪيماڻي، هريش واسواڻي، پرم ابيچنداڻي، نامديو تاراچنداڻي، پريم پرڪاش، هيرو شيوڪاڻي انهن ۾ شامل آهن.

سنڌ ۾ به جديد ادب هندستان مان آيو. ڪنهن وقت هندستان ۾ ڏاڍا سهڻا سنڌي رسالا نڪرندا هئا. ڪونج ۽ نئين دنيا ته بمبئي مان هري موٽواڻي ۽ اتم ڪڍيا، پر دهليءَ مان نڪتل ٽي رسالا جديد ادب جا پرچارڪ هوندا هئا. پرم ابيچنداڻيءَ جو رابيل، آنند ڪيماڻيءَ جو ساهت ڌارا، هريڪانت جو آڪاڻي ۽ ڪلڪتي مان لکمي ڪلاڻي جي مخزن رچنا ۾ ڇپيل ڪهاڻيون، ڪوتائون ۽ تنقيد جو مقابلو سنڌ جا رسالا نه ڪري سگهندا هئا.

هريش واسواڻي هڪ جديد ليکڪ هو. سندس لکڻيون ان ڳالهه جو اظهار آهن. سندس جديد شاعري ۽ ڪهاڻيون پڙهڻ کانپوءِ سندس سوچ جي خبر پوي ٿي. سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ سندس چيل هي لفظ ڪيڏا نه زبردست آهن :

’سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ لڳي ٿو ته ڪڏهن ڪهاڻي آهي، زندگي ڪونهي. ڪڏهن انهن ۾ ٻئي ڪونه آهن، ان ۾ ٻئي آهن، اهڙو احساس ورلي ئي ٿو ٿئي، يا نٿو ٿئي !‘

بهرحال سنڌي ۾ لکندي هريش واسواڻيءَ جي لکڻ جي سگهه زور ٿي. هريش هڪ انٽرويو ۾ چيو هو :

منهنجي زندگي ناڪامين جو داستان آهي ۽ مان ناڪاميابيءَ جي احساس کان متاثر آهيان. اها ناڪامي مکيه طور ٽي ٽن درجن تي آهي :

’هڪ ته سماجي اٽبرابرين خلاف کابه بغاوت نه ڪري سگهڻ، ڪرم هيڻ زندگي جيئڻ ۽ ڪرم هيڻا جي سراپ جي. ٻيو رومانوي درجي تي هڪ گهري اثر جو احساس. ٽيون مون کي لڳي ٿو ته فن جي ليول تي مون پنهنجي صلاحيتن کي پاڻ ويهي جلايو آهي. انهن کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٿنهي ڳالهين گڏجي مونکي ادنيٰ زندگيءَ جو هڪ سپنو ڏنو آهي .....!‘
(پرڇاڙيءَ ۾ هن سنڌيءَ ۾ لکڻ ئي بند ڪري ڇڏيو).

هن جي ڪهاڻين جي ڪتاب ٢٠١٤-٢٠٠٨ ۾ شامل ڪهاڻيون اڻ وسرندڙ آهن. مثال طور سندس ڪهاڻي 'دانهن!' ڪنهن به ذاتي حادثي کي، احساس جي شڪل ڏيڻ، لفظن ۾ ڪهاڻي بيان ڪرڻ هڪ فن آهي، ڪلا آهي. اهو چوڻ جو فن، هريش کي چڱيءَ ريت ايندو هو. اها ڪهاڻي ليکڪ جي پنهنجي ذاتي آبزرويشن جو هڪ ڀاڱو آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ بخار سبب نائڪ بيمار آهي. پرگهور لاءِ سندس چپراسي، پنهنجي ڪاري ڪوجهي ڌيءَ کي وٺي اُماڻي ٿو. ان وقت ان ننڍي ڪاري ڪوجهي ڇوڪريءَ جو انساني ڇهاءُ سان هيرو هڪ زبردست سڪون ٿو محسوس ڪري. پاڻ ليکڪ بعد ۾ هڪ انٽرويوءَ ۾ ٻڌائي ٿو ته ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل ڇوڪري، اصل ۾ ڇوڪرو هو ۽ اهو ڇوڪرو ڪجهه ڏينهن کانپوءِ زنده نه رهيو.

هن جي 'دانهن' ڪهاڻي ۾ ڪردار مان، هريش ڏاڍي ڪلاڪاريءَ سان ويهي ڪهاڻيءَ ۾ آندو آهي. ڪردار کي بخار ۾ اڪيلائيءَ جو احساس ٿو وڪوڙي وڃي. هو ان محل ڪنهن ڇوڪريءَ جو ساٿ چاهي ٿو. ان محل گهر جي ڪم ڪار لاءِ رکيل ٻارهن سالن جي ڇوڪري فرش تي ٻهاري ڏيندي سندس پير مان لنگهي ٿي ۽ ڪيس هن ڇوڪريءَ جي ٻانهن منهن سان لڳي ٿي وڃي، ان محل ان ٻانهن جو ڇهاءُ ڪيس ڏاڍو سڪون ٿو ڏي، ۽ پوءِ هو، ان ڇوڪري کي ڀاڪر ۾ جهلي ٿو وٺي، پر ڇوڪريءَ جي دانهن سبب ڪيس شڪ جي نظرن سان ٿو ڏٺو وڃي.

هيءُ موضوع، سنڌي ادب لاءِ نئون هو. هن ڪهاڻيءَ ۾ هريش واسواڻي، ڪهاڻيءَ کي هڪ عجيب نفسياتي ٽريٽ ڏني آهي.

بنيادي طور تي هڪ حقيقت کان انڪار ممڪن ڪونهي ته سونهن خود پنهنجي جاءِ تي هڪ پرابلم آهي. سندس ڪهاڻي 'هڪ عدد عورت' ۾ هن جا ڊائلاگ، جيتوڻيڪ رواجي زندگيءَ کان هٽيل آهن. پر سندس ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل نائيڪا اهو سوچيندي به ته هن جي خوبصورتي ايڪسپلائيٽ ٿي رهي آهي، هيرو سان گڏجي ٿي .....

هريش جي هڪ ٻي مشهور ڪهاڻي ’سلسلو‘ آهي. اها ڪهاڻي سنڌي ادب جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. سلسلو ڪهاڻيءَ ۾ پيءُ ۽ پٽ جي ننڍپڻ ۽ وڏپڻ جي سلسلي جي وارتا بيان ڪيل آهي. هڪ پيري پُٽ، پيءَ کي باٿ روم ۾ وهنجندي ڏسي ٿو. اها ڳالهه هن جي ذهن جي ڪئنواس تان نٿي دور ٿئي. وڏي هوندي پٽ، باٿ روم ۾ هڪ پيري وهنجندي پنهنجي پاڻ کي ڏسي ٿو، ۽ ان محل پنهنجي پيءُ جي وجود جي جهلڪ ياد ڪندي ڏکي ٿو وڃي. ڇاڪاڻ تہ هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ پيءُ جي وجود جي ڪابہ اهميت ڪانہ ڏني هئي.

انهيءَ ڪهاڻيءَ مان هي ٽڪرو ڪيڏو نہ عجيب آهي :

’اٽيچڊ باٿ روم واري پنهنجي ڪمري کي ڇڏي هو، ٻاهر ڪاريڊور ۾ پيل موڙي تي اَچي وينو ۽ سگريٽ دکائڻ لڳو. سامهون ننڍيون ننڍيون ڀاڙيون هيون، غير سلسليوار نيم زرد ۽ نيم سبز درخت هئا. رستن جا ڪٽيل ٽڪرا ۽ کليل آڪاش هو تہ بہ هن پاڻ کي قيد محسوس ڪيو. هوُ ائين انيوءَ ڪري رهيو هو تہ اجا باٿ روم ۾ آهي، ۽ سندس ڊريسنگ ٽيبل جي آئيني ۾ بجاءِ قدرتي نظاري وارو وڏو چترلڳل آهي. باٿروم واري خيالي وهم کان هو اجا بہ آجو ڪونہ هو. سندس پتا سرڳواس ٿي ويو آهي ۽ سندس پٽ زنده آهي. يا جي هو پاڻ سرڳواس ٿي ويو آهي ۽ سندس پٽ زنده آهي!‘

هن ڪهاڻيءَ جي مکيہ ڪردار سندس پيءُ ۽ هن جي پريميڪا بابت، نفسياتي ٽريٽمينٽ، هريش جهڙو ليکڪ ئي ڏيئي سگهي ٿو.

هن جي ٻين ڪهاڻين ۾ ’ گهنٽي‘، ’هڪ جذبي ۽ ڏينهن جو موت‘، ’هڪ عدد عورت‘، وَي آف لائيف‘، ’دانهن‘، ’ٻيو دفعو‘، ’موت ۽ موت‘ ۽ ساڪياتڪار ۽ وڏي شهر ۾ شامل آهن.

سندس مشهور ڪهاڻي ’گهنٽي‘ هڪ اڻ وسرندڙ مختصر ڪهاڻي آهي. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ مان بہ نسل لڏي ويا. هڪڙا پوڙها، جن سڄي ڄمار پنهنجي وطن ۾ گذاريا. ننڍا ٿي وڏا ٿيا ۽ پيريءَ ۾ پنهنجو وطن ڇڏي ٻي گهر ٿي وڃي

مختلف شهرن ۾ پناهه ورتائون. گهڻن ڪهاڻيءَ ۾ مکيه ڪردار ڪنهن ٻئي شهر ۾ فنڪشن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو. فنڪشن مان نڪري هو پنهنجي سنڌي دوست هري چاولا وٽ پهچي ٿو. اتي هريءَ جو پوڙهو پيءُ به رهي ٿو. هريش انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ هن پيرمرد جي تصوير هن ريت چٽي آهي :

’اَڇيون ڀرون، اَڇا وار، ويڪري پيشاني، مُنهن تي گُهنج، ٻَلن جي مضبوط هڏين جي ڪري اُهي ڪنهن ڪوڪي تي ٽنگيل گُهنجن جي تصوير لڳي رهيا هئا. ۸۸ سالن جو هيءُ شخص ڪاڪي پيرومل مهرچند جي سنڌي هندن جي تاريخ مان ڪو سنڌي ديوان نڪري اَچي منهنجي پر ۾ ويٺو هو!‘

جڏهن هو پيرمرد کان حال احوال ٿو وٺي ته پيرمرد چوي ٿو :

’سڀ منهنجو چڱو خيال رکندا آهن. سنڌ مان اَچڻ بعد مون سڄي ڄمار اجمير ۾ گذاري پر هاڻ مون سان ڳالهائڻ وارو ڪير به ڪونهي. ڪوئي ڳالهائي به ڇا؟ هري ڪانسواءِ ڪو سنڌي سمجهي ڪو به ڪونه. پاڙي ۾ هڪ سنڌي گهر به ڪونهي، هي زال مڙس صبح جو هليا وڃن. ان لاءِ بستري تي مون کي گهنٽي هٽائي ڏني اٿائين. ٻئڻ ڏهاڙيان ته هيٺ پاڙيوارن وٽ گهنٽي وڃندي، گهر جي هڪ چابي کين ڏنل آهي. اڃا ته گروءَ جي مهر آهي، ڪڏهن اهڙي ضرورت ڪونه پئي آهي. پر جي مٿي آيو به ته واهر ۾ ڇا ٿيندو؟ هو سنڌي سمجهي سگهندا ڪونه مونکي گجراتي ايندي ڪونهي! ان ڪري چوندو آهيان ته ڏسجي ڪنهن ڏينهن تون گهر جو درکوليندين، ۽ مان پنهنجي بستري تي مئو پيو هوندس. گهنٽي ڪونه وڄائيندس.

هن ڪهاڻيءَ جو ڪلائمڪس هن ريت آهي : جڏهن هو پنهنجي دوست سان سندس فلئٽ مان هيٺ لهي ٿو، اوچتو گهنٽي وڃي ٿي. هو سڀ گهبرائجي مٿي وڃن ٿا. تالو کولي ڏسن ٿا. ان مهل اهو پيرمرد چوي ٿو :

’ها، هري مون سوچيو، مان ميران جي گهوٽ کان موڪلائي ڇڏيان. ڪهڙي خبر هو مرڻ کان اڳ مون سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ وارو آخري انسان هجي!‘

هريش جي هيءَ ڪهاڻي انساني جذبن، اڪيلائي ۽ ڏتڙيل وطن کان دربدر

ٿيل، انسانن جي ڪهاڻي آهي. ڪيڏي نہ آهي عجيب ڳالھہ. ھڪڙا ماڻھو جاوا پنھنجي وطن ۾ نپنيا، وڏا ٿيا جوان ٿي ڄيا ٿيا ۽ ڄڃائپ ۾، ٻالڪپڻي ۾، نوجوانيءَ ۾ پنھنجو وطن عارضي طور تي ڇڏي ويا پارت، جتان وري نہ موٽي آيا. پنھنجو گھر ٻار، گھٽيون، شھر ۽ ڳوٺ، سڀ ڇڏي وڃڻ آهي زندگيءَ جو ھڪ پيانڪ عذاب ! ورهاڱي تي گھٽيون ئي ڪھاڻيون سنڌي ۾ لکيون ويون آھن. ھريش جي ڪھاڻي ’گھنٽي‘، اھڙين تمام سٺين ڪھاڻين مان ھڪ اڻ وسرندڙ ڪھاڻي آهي.

۽ اھا بہ ڏاڍي عجيب ڳالھہ آهي، ھريش واسواڻيءَ پنھنجي زال اندرا جي وفات کان پوءِ اڪيلو ٿي پيو ھو. سندس ڌيءَ شيفالي واسديو ھن جي مرڻ کانپوءِ ھڪ عاليشان مضمون لکيو آهي. ان ۾ ھوءَ چوي ٿي تہ ھريش کي بہ ھڪ سلور رنگ جي گھنٽي ڏني ھئيسين. مقصد ھو تہ ڪنھن بہ مھل ڪيس ڪائي ضرورت پوي تہ بابا اھا گھنٽي وڄائي. تڏھن ھو ڏاڍو نبل ۽ ڪمزور ٿي ويو ھو. پر ھن مرڻ وقت يعني دل جو دورو پوڻ وقت اھا گھنٽي نہ وڄائي. مرڻ وقت سندس ھٿ ۾ اھا ئي گھنٽي ھئي، جيڪا ھن استعمال نہ ڪئي.‘

سندس لکڻين پڙھڻ کانپوءِ محسوس ٿئي ٿو تہ ھن جي لاءِ زندگيءَ جي ڪابہ معنيٰ نہ ھئي. مقصد نہ ھو. ھن مرڻ کان ڪجھہ ڪلاڪ اڳ پنھنجي ڌيءَ کي چيو ھو تہ، ’آخرڪار ڪھڙو سبب آهي جو پڇاڙڪي انت چو نہ پيو اَچي؟‘ ھن مرڻ کان ھڪ ڏينھن اڳ شام جو پنھنجي ڌيءَ کان پڇيو ھو، ’جيڪڏھن زندگيءَ جي مقصد مان ھٿ کڻي ڇڏجي، ۽ پنھنجي انا کي ختم ڪري ڇڏجي تہ آخري حد اچي ويندي !!‘

ھريش چوندو ھو، ’زندگي ھڪ فائدو ڪونھي ۽ موت ھڪ نقصان ڪونھي!‘

ٿي سگھي ٿو، ھن گھنٽي ڪھاڻيءَ ۾ پنھنجي زندگيءَ جي پڇاڙڪي ڏينھن جو، عڪس ڏسي ورتو ھو. ھن جي شاعري، ھن جو سفرنامو، ھن جا تنقيدي مضمون ۽ ڪھاڻيون، ھڪ تمام وڏي ڪھاڻيڪار ليکڪ، ڪويءَ جي اعليٰ ذھين اوسر جو آئينو آھن.

هن جي ڪهاڻي ’وڏي شهر‘ ۾ به شهر ۾ رهندڙ جيون جو هڪ حقيقي روپ ڏيکاريو ويو آهي. هو نالي ڪردار جي بس ۾ چڙهي خالي سيٽ تي اچي ويهي ٿو، تڏهن پرسان ويٺل چاٺل سچاٺل وٺشيا کي ڏسي ٿو، ڪيس ائين ٿو لڳي جڻ هن جي ۽ انهيءَ وٺشيا جي حالت ساڳي آهي، بلڪ هوءَ ڪانئس وڌيڪ رحم جي لائق آهي. انسان ڪيترو نه مجبورين ۾ ٿو زندگي گهاري ۽ ان جو چٽو پٽو اظهار وڏي شهر ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيل آهي.

هريش - گوتم ٻڌ جي فلسفي کان متاثر ٿي وچي ٻڌست ٿيو هو. پر اتي به ڪيس سڪون نه مليو. زندگيءَ جي معنيٰ واري ڪيفيت مٿس ڇانيل رهي. هڪ ٻيرو، شاعر ارجن حاسد کي چيو هئائين، ’حاسد، ڏس هو پن وڻ تان ڇڻيو آهي، هوا ڪيس ڪنهن به طرف اڏائي ويندي، پن کي ڪابه ڄاڻ ڪانهي، نه هوا کي آهي!!‘

اڇرج جهڙي ڳالهه آهي. هريش واسواڻي پنهنجي پيءُ تي انگريزي ۾ هڪ ڏاڍو خوبصورت مضمون لکيو هو. قدرت خدا جي، هريش جي وفات کانپوءِ سندس ڌيءَ شيفالي واسديو، مٿس هڪ دل کي ڇهندڙ مضمون ’سيونگ اڪائونٽ ڪلوز‘ جي عنوان سان لکيو آهي. اهو مضمون پڙهي منهنجي دل پرجي آئي.

هريش واسواڻي پنهنجي هڪ نظم ۾ لکي ٿو :
وڻن جي نراُتم ٽارين تي،
هڪ مئل پکي وينو آهي.
پکيءَ جو جسم
وڻن ۾ ورهائجي ويو آهي.
پر ان جا گيت سالم رهجي ويا آهن
گيتن جي سانت گونج
پوري واديءَ ۾ زنده آهي.
اصل ۾ اهو هڪ قديم پکيءَ جو

جنھن وحدت لاءِ وڏو رتب ڪيو ھو.
پر
قطري کي آب سمجھڻ ۾ نسقل ويو ھو.
ورڊاتا
ڪيس ھڪ سراپ ڏنو ھو
تون يا جيئندين يا اڏامندين
پکيءَ جيئڻ جي موھہ ۾
زندگيءَ جي چونڊ ڪئي
۽ ڪنپ سميٽي
وڻن جي وچ ۾ ويھي رھيو
ھر سڙءَ،
سندس ڪنپ ڇورائيندي رھي
ھڪ ھڪ ڪري سندس سپ ڪنپ غائب ٿي ويا
تڏھن ڪيس خيال آيو،
ھُن زندگيءَ جي نہ، موت جي چونڊ ڪئي آھي.

ھريش جي اندر جي اڪيلائي ان وقت تمام گھٽي وڌي ويئي، جڏھن سندس زال ۽ مشھور ڪھاڻيڪار اندرا واسواڻي ١٧ - آڪٽوبر ٢٠١٢ تي گذاري ويئي. ھن جي وفات ڪانپوءِ ٦ مھينن بعد ١٣ اپريل ٢٠١٣ تي ھن دھليءَ ۾ آخري پساھہ ڏيئي ڇڏيا. اھو ڏينھن ويساکيءَ جو ڏينھن ھو. ويساکيءَ جو ڏينھن سنڌ ۽ پنجاب ۾ ميلي جي روپ ۾ ملھايو ويندو آھي. ھزارين ماڻھو ميلي ۾ ھئا پر ھڪ شخص، ھڪ ڏاھي اديب، جمنا نديءَ جي ڪناري زندگيءَ کي الوداع چئي ڇڏيو.

(مدد علي سنڌيءَ جي طويل مضمون کي گھٽائي پيش ڪيل - سمپادڪ)

E-6 jason luxary apartment,
Clifton block -3, Karachi-Sindh
Email : madadalisindh@yahoo.com

سمالوچنا / گيتا بندراڻي



## ’رستي جو فانوس‘ آزاد نظمن جو سنگره - شاعر واسديو نرمل
## پرڪاشڪ :- سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر 421003

’سپون‘ جي انڪ ٢٣ (جولاءِ - آگسٽ - سپٽمبر ١٩٩٦) ۾ ڇپيل ’واسديو نرمل جي شاعري‘ ليک ۾ پرڀو وفا لکيو آهي ته ڀارت جي برک ۽ بلند پرواز سنڌي شاعرن مان اُنن يا نون ۾ هڪ واسديو نرمل به شماريو ويندو آهي. نرمل صاحب جا هيل تائين شعرن جا چار سنگره ڇپيل هئا. تازو سنڌن آزاد نظمن جو مجموعو ’رستي جو فانوس‘ شايع ٿيو آهي، جنهن جي سني آجيان ٿي آهي.

’رستي جو فانوس‘ ۾ نرمل صاحب ١٩٦۴ کان اڄ تائين لکيل پنهنجي آزاد نظمن جي چونڊ شامل ڪئي آهي. چونڊ واقعي ساراهڻ لائق آهي. اُنهن ۾ ڪي نظمون آهن جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته نرمل شاعر ته آهي پر گڏو گڏ انجنير به آهي. مثال طور سنڌس آزاد نظم ’رستي جي کڏ‘ (pot hole) پڙهي ڏسو (صفحو ۴٩).

’هيءَ رستي جي کڏ‘ پيي / حسينن جي ڪاڏيءَ جي کڏ کان / ته گهٽ ناهه مٿن پيي گهٽين سندرين جي / عنايت آ ٿيندي / گهٽيئي نزاڪت پريا حسين پير / وڪڙ ۾ اَچي / مُڙي ويندا آهن !

اُن کڏ کي شاعر جي نظر سان ڏسو ۽ اُن ۾ لِکل طنز ۽ ڪاڏيءَ جي کڏ جي تشبيهه ڏسو. اهڙيءَ طرح ٻين آزاد نظمن ۾ به تُز تشبيهون ملن ٿيون. مثلا ڏسو :- چنڊ ٻيج جو روئي رهيو آ / چڻ ڪي مُصور / ڪنهن وڏوا جي / ٽڪل ڪنگڻ جو / ڪئنواس تي / چتر ڪڍيو آ / ڪئنواس تي / ٽڙيا پيا آهن / ڪيئي تارن جا آنسون ! (ٻيج جو چنڊ P-20 )

هي نارنگي رنگ نہ آ / هيءَ بادل جي پيڙا آ /جا /نارنگيءَ ڪل جي رَس جيان /اکيون ڪڙائيندي آهي (بادل اِندلٺ P-56)

رات تارن پري/ڪيڏي نوراني آ ! / چنڊ گگن جي پَرَنڊ مان /ڇٽي نوُرپيو/ نور جو چنڊ/وسي مينهن پيو/ مينهن جنهن سان/زمين وهنجي پئي ! (رات تارن پري P-62)

اِنهن نظمن ۾ اُپمائن سان گڏ، پرڪرتي - درشن جا تمام سندر نظارا نظر ايندا.

آزاد نظمن ۾، نرمل صاحب ممبئيءَ جي لوڪل گاڏيءَ ۾ سفر ڪندڙ مسافرن جي ڪهڙي دُردشا ٿئي ٿي اُنهن جي تصوير هوبهو چٽي آهي. اُنهن ۾ خاص نظمون آهن :- اَڇون روز ٿا .... (P-52) ، ماڊرن صليب (P-58) ۽ ماڪي ۽ تلوار (P-64). اُنهن نظمن ۾ بہ اَڇوتيون اُپمائون تمام وڻندڙ ۽ دلڪش آهن. ڪي مثال ڏسون. ممبئيءَ جي لوڪل/لوڪل گاڏيءَ جي/ گاڏي وچ۾/لوهي شيخون لٽڪيل آهن/جن ۾/ لٽڪن پيا هٽڪڙا/ڪيئي مسافر/اُنهن کي پڪڙي/ بيٺا آهن. غلط، غلط / بيٺا ناهن/هو لٽڪيل آهن/ گويا هڪڙي وقت/ گهٽيئي/سادا اِنسان/ مجبور انسان/ ’ڪرست‘ وانگر/صليب تي/ چاڙهيا ويا آهن/هر ’ڪرست‘ کي/پنهنجو پنهنجو/ صليب آهي. (P-52)

اَڇون روز ٿا/ فاسٽ گاڏيءَ ۾/جت تر ڇٽڻ جي جڳهہ هوندي ناهي/مگر پوءِ پي/ڏيئي هڪ ٻئي کي ڌڪا/ هرڪو ڌوڪي پوي ٿو. (P-53)

چنڊ تہ مسافر/لٽڪي رهيا هئا/سرها ٿي، سوُريءَ تي !/چنڊ ماڪيءَ جي ماناري تي/ڇهٽيل هيون مکيون سهسين. (P-65)

نرمل اعليٰ شاعر تہ آهي پر هڪ مقبول ناٽڪ نويس بہ آهي. اِنڪري هو ڪن نظمن ۾ ناٽڪي انداز سان گڏ نظمن جي پڇاڙيءَ ۾ climax تي ڇيهہ ٿو ڪري. مثال طور پڙهي ڏسو نظمون ’ہ ڪتاب هڪ هڏي‘ (P-9)

هڪ سگريٽ هڪ پيڙا‘ (P-11) / ’سوڪ - ستايل‘ (P-28) / ’پهريون اَڇو وار‘ (P-59)

اِنهن نظمن ۾ انتظارجو element ناٽڪي انداز ۾ بخوبي نڀايو ويو آهي. نرمل جي ڪن آزاد نظمن جا موضوع بہ بلڪل انوکا آهن. مثال ’رستي جو فانوس‘ (P-1)، گودڙي (P-8)، اَخبار پڙهندي (P-13)، ڪيلي جي ڪل (P-15)، سنڌو نگر جا رستا (P-30)، چڳ (P-66)،

نرمل جي سڄوري سنڌ جي سِڪَ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار هن ڪتاب ۾ درج ڪيل آزاد نظمن ۾ لياڪا پائيندي نظر اَچي ٿو. مثلا:- ’هڪ آس هڪ پياس‘ (P-42)

ورهين ڪان پوءِ،/ مون هڪ سنڌي مائي ڏٺي،/ جا،/ پنهنجي ساڄي هٿ جون آڱريون ڦهلائي،/ ايرنڊيءَ جي پن جيان سيٽي/ پنهنجي پُٽ کي چئي رهي هئي،/ ’لک جي لعنت هجيئي، هي ڳڻ ڳهٽا اَٿيئي !‘ مائيءَ جا هيءُ ڪوڙا مِٺڙا لفظ سُٽي/ منهنجي اکين مان/ خوشيءَ سندا ڳُجهه لُڙڪ لڙي پيا ! هڪ آس هڪ پياس (P-42)

جيڪي چانور - ڪٽا/ مان ڦٽا پيو ڪريان،/ تن منجهان ڪي ڪٽا/ پنهنجي مُک ۾ جهٽي/ تون ڪراچيءَ ڪٽي وڃ،/ جو، توکي ته ڪوئي ٻه روڪي نه سگهندو./ نه ويزا کپيئي نڪو پاسپورٽ !/ ڪراچيءَ ۾ پهچي،/ ڪياماڙيءَ پرسان،/ اِنهن چانورن جي ڪٽن مان ٻه ٽي،/ منهنجي پاران،/ اَکي طورپاٽيءَ ۾ پائي ڇڏج تون./ اِئين سنڌ جي پاڪ مٽيءَ تي پائي اَکو .... موٽي بمبئي اَچج./ مان تنهنجو ڪندس اِنتظار.... چوءَ پلا،/ تون منهنجو اِهو ڪم ڪندينءَ؟/ چوءَ ڪندينءَ؟ ’بمبئيءَ هڪ مڇيءَ ڏانهن‘ (P-44)

ڪتاب جي مهاڳ ۾ اعليٰ ساهتڪار ڊاڪٽر موتي پرڪاش، نرمل صاحب جي آزاد نظمن جون شاعراڻيون خوبيون وستار سان ڄاڻايون آهن. ڪتاب جي ڪوَر جي ڊزائين اعليٰ چترڪار رام لعلچنداڻيءَ بيحد دلڪش ڪئي آهي، جنهن لاءِ هن کيرون لهڻيون.

**14, Anuchhaya,**
**Juhu Lane, Andheri (W), Mumbai 400058**

## سوءُ سال پورا ڪرڻ جون مبارڪُون



ٻرک ليکڪ ودوان، گرامر جي ڄاڻو، ڪوشڪار ۽ ’سائل ڪوش‘ جي مهتمم شري سترامداس سوياسنگهه جڙياسنگهاڻي ’سائل‘ (جنم: ١۴ فبروري ١٩١۴) کي سک سان ١٠٠ سال (هڪ صدي) پورا ڪرڻ تي.

**سنڌالجي پريوار**

# ’ليئاڪا‘

رچنا-١٣٩ انڪ ۾ ڊاڪٽر ستيش روهڙا، پنهنجي ڪَٿَ ڪالم ۾ ومي سدارنگاڻيءَ جي ٻن ڪوتا مجموعن ’سونهري رنگ جي ڪارڻ‘ ۽ ’سچ ڪٿي ڪري پيو‘ جي ڪَٿَ ڪئي آهي. رچنا جو اهو انڪ ومي سدارنگاڻيءَ جي تصوير سان آهي. انڪ ۾ وميءَ جون ڪويتائون به آهن ۽ هڪ ليک به آهي، ’شاهه جي رسالي جا پارت ۾ ٽيل ترجما‘. ستيش صحيح لکيو آهي، ’وميءَ جون ڪويتائون عام طرح سان خود ڪلاميءَ واريون آهن، سهج ۽ سرل ڀاشا ۾ آهن.‘ مان پانيان ٿو، اُنهن ۾ ڪجهه خاص طرح سان به آهي، عطيه دائود جي ڪويتائن وارو لوڻ جو ڪٺو به آهي. اڄ جي دؤر ۾ اِها سوچ ڪنهن خاص آستان تي پهچائڻ ۾ وڏي واهر ڪري رهي آهي. ارڌ - ناريشور جو آڪار اسان سيني ڪان وسري ويو آهي. هڪ ئي ديهه ۾، استري پرش وارا انَش، اوت - پروت آهن. هر ڪنهن استري چاهي پرش ۾، اهي انش گڏ آهن. ڪشش، ضرورت، سمرپڻ وارا قدر آهن، احساس آهن. ڪنهن ۾ گهٽ ڪنهن ۾ وڌ. وقت جي اڙٻنگاين، اسانجي اعتبارن کي رنجايو آهي. شڪايتن جا ڍير آهن. ڪوي من جيئن به چاهي، جيڪو به چاهي، لکي روڪ ڪانهي. وميءَ وٽ خاص سادگي به آهي، سندس رچنائون ڪيترا سوکيم ڇهاءَ به خلقيندڙيون هلن ٿيون.

پاڇي ماني، هوا پاڻي، پيار کي وڇڙ جو ٽا آٽيو. پيار کي ڪنهن سمجهيو آهي، سمرپڻ، ڪجهه ڏيڻ، درگذر ڪرڻ ۽ دعا گهرڻ، جتي به هجو، خوش هجو. هبڇي گهر جون مرياداڻون اورانگهي وييون آهن، هن دؤر ۾.

اِها مجيل چيز آهي ته شاعري، فلسافيءَ کان الڳ، ڪنهن فهم ۽ سوچ سان جڙيل آهي، تڏهن به نقادن کان الائي ڪيئن فلسافي لفظ اُچارجي ويندو آهي، علامتون به ڳولهيندا رهندا آهن. باقي چين جي ديوار ڏسڻ جيڪي به

ويندا آهن، اُهي پنهنجو نالو، پنهنجي معشوقا، محبوب جو نالو، اُن تي ضرور اُڪيري ايندا آهن، سچي ديوار چٽيل آهي.

بي ساختا لفظ ۽ به سوچ جي پٺڪ ۾ ڪوي من جي هِرُ ڪُرِ تہ هوندي ئي آهي. توهان ائين تہ نٿا چئو نہ، تہ ننڍا ڪٿائيءَ ۾ يا ڪنهن الهام سان، ومي ڪويتائون لکندي آهي. ڪلا پرڪاش تہ مڪت من سان داد ڏيندي آهي، هن جي واٽيءَ ۾ تہ الِتِ جو ميٺاج آهي. ستيش صاحب ايندي ويندي ڪن ڏيندو ٿو هلي. پوپٽي هيراننداڻي محڪم وشواس وارا ٺهڪ ڏيندي هئي، منهن تي ڦهڪائي ڏيندي هئي، پنهنجائيءَ وارو سواد ايندو هئو، وڏي پيڻ جيان پاسندي هئي، اُهي بہ زمانا هئا، هڪ ٻئي تان اول گهول پيو وڃبو هئو.

ستيش چوي ٿو، ’ڪلا، اسين ڪويتا ۾ نعرا هڻندا آهيون يا اُپديش ۽ فلاسافيون ڏيندا آهيون.‘

اِهي مجيل سچ آهن، ٥٠ پرسينٽ شاعري نعريبازيءَ ۽ سياست سان ڪلهاگسائيندي هلندي آهي، ٣٠ پرسينٽ، فلاسافيون اُپديش ۽ خودثنائي، باقي ٢٠ پرسينٽ شاعري ماٺ جو روپ ڌارڻ ڪري، من جي گهراين ڪي، آلاپ جهڙي سوکيمتا سان، آراڌنا تائين وٺي ويندي آهي. نارايڻ شيام لکيو آهي :

هيءَ دنيا جهڙي پي آهي
پوءِ بہ جاءِ جيئڻ جي آهي

شيام جو هيءُ شعر بہ ڏسو :

ويراني ڪنڌيءَ تي ڳيرو
مان آهيان، هوُ هوُ هوُ آهي
(اِها آهي Silence ماٺِ ئي ماٺِ)

انهن پن پن سٽن جي معنيٰ توهان جهڙي بہ چاهيو، جيئن بہ محسوس ڪيو، ڪهڙا اشارا ۽ احساس آهن، پلي ائين بہ چئو ’ڪجھہ بہ ڪونهي‘ جڏهن هٽلر سمهيو پيو هوندو / ۽ گانڌي پنهنجو چرخو هلائڻ ۾ پورو هوندو/ اَسين اُن وقت لڪ - چپ راند ڪنداسين. دوست اِها نعريبازيءَ واري ڪويتا آهي. هٽلر ۽ گانڌيءَ جي نالن سان اُپامي ٿي. باقي هڪ ست ڪويتا جو اولڙو

پسائي ٿي. 'اَسين اُن وقت لڪ - چپ راند ڪنداسين'. توهان چوندا، هٽلر ۽ گانڌي لفظن ۾ علامتون آهن، ان سبب تہ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي مشهور ٿي ويئي آهي، توهان برابر آهيو، نعرا ٿي پري پري تائين پهچي پڙاڏا ٿي گونجندا آهن، عام پڙهندڙن لاءِ ايترو ڪافي آهي. نقاد تہ علامتون پاڻ چنبڙائيندا آهن، جيئن بہ چاهن. **نقشو پارت** جو بہ اهڙي نعريبازي آهي، خوشفهميون خلقي ٿي، سمجهڻ وارا سمجهن ٿا، نقشا ۽ ليڪون ٿي ممڻ مچائينديون آهن، خون جون نديون وهنديون آهن، بنٺيءَ جي پيءُ مٽيءَ سان راند ڪئي آهي، چوي ٿو :

منهنجو پارت تہ آهي / منهنجو ڪارخانو / منهنجي هيءَ جهوپڙي / ۽ منهنجو پريوار. ستيش تہ **پارت** بدران **هندستان** ٿو لکي. سائين **اِنديا** بہ پلي لکو. اسانجي ديش جا ٿي نالا آهن، اسان کي تہ ٽيئي نالا قبول آهن، پر ڪن کي پارت قبول ڪونهي، ڪن کي هندستان قبول ڪونهي، ڪن کي صرف اِنديا قبول آهي. ڳالهہ آهي تہ منجهائيندڙ. ڪنهن بہ ديش جا هڪ ئي وقت، هڪ ئي دؤر ۾، ٽي نالا هئڻ تہ نہ گهرجن، منهنجيءَ ڄاڻ ۾، ٻئي ڪنهن بہ ديش جا ڪونهن، البت الڳ الڳ دؤر ۾ ، ملڪن جا ٻيا ٻيا نالا رهيا آهن. توهان چوندا اهي منطق ۽ بحث ڪوتا لاءِ ڪهڙي ڪم جا، ڪويتا تہ ڪويتا آهي، صرف Enjoy ڪيو، مچان ٿو، هئڻ بہ ائين گهرجي. سونهن ۽ سينگار جو درشن، سترنگي انبلٺ، ماکَ جي شفاف سُرهاڻ، وڄون ۽ وسڪارا، ڪنهن بہ وياکيا جا محتاج ڪونهن.

هٽلر ۽ گانڌيءَ واري ڪويتا هيئن لکون : اما ۽ بابا هڪ ٻئي جي پاڪرن ۾ هئا / پاڻ ۽ پاجائي هڪ ٻئي سان ڏند پئي ڏنا / اسان لڪ چپ راند پئي ڪئي. ستيش چوندو، مزو نہ آيو، ايوڳي ايوڳي آهي، انگريزيءَ ۾ ترجمو نہ ٿيندي، مشهور نہ ٿي سگهندي. نقاد هميشه برابر ليکيا ويندا آهن، علامتون تہ ٿيون ڪونہ Loud ٿيڻ گهرجي. Silent Poetry صرف اڪيلائي خلقيندي آهي. ڪڪ ٿيو پئجي.

ستيش چوي ٿو، ’وميءَ جو ڪوتا سنسار ايترو ئي وسيع آهي، جيترو من جو سنسار. اُن ۾ اُهو سڪل وڻ آهي، جنهن تي تازي ول چڙهي وئي آهي ۽ هو پاڻ کي سائو سمجهڻ لڳو آهي.‘ اُهو وڻ، اُها ول جاتل سڃاتل آهن، ڏٺل وائٺل عڪس آهن، سنهڙا سنهڙا سنيها آهن. آدڪان پرڪرتيءَ جو اهو نيم آهي، ول، وڻ تي ويڙهجي ويندي آهي، سمرپڻ جو سک ماڻيندي آهي، ارڏناريشوَر جا اُهڃاڻ هِتي هُتي، جتي ڪٿي جيئرا جاڳندا ملندا آهن. استري پرش، جيئن سرير جون ٻہ اکيون.

اسان ٣٠ کن ڊيليگيٽ peace conference ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دهلي ايئر پورٽ تان 17/12/04 صبح واريءَ فلائيٽ ۾ سنڌ وڃي رهيا هئاسين. فلائيٽ ليٽ ٿيندي ويئي. ڪراچيءَ شام جو ٻتين ٻريي وڃي پهتاسين، سياري جي شام، اوندهہ ٿي ويئي هئي. ١٦ کن ليکڪ ۽ شاعر هئاسين ۽ ٻيا بہ هئا. ويزا 31/12/2004 تائين هئي. پر peace conference 28/12 صبح جو نيرن Break fast کان پوءِ ڊسپرس ٿي ويئي. ڪي دوست 28/12 تي ئي دهليءَ روانا ٿي ويا، ڪي خوددار ڊيليگيٽ 29/12 صبح جو ڇهين بجي واريءَ فلائيٽ ۾ ممبئيءَ روانا ٿي ويا. ڪن دوستن ٻن ڏينهن لاءِ يارن دوستن جي وڃي دعوت قبول ڪئي. ومي ۽ ستيش کي عطيہ دائود پاڻ وٽ هلڻ لاءِ دعوت ڏني ۽ وميءَ کي ’عورتازاد‘ سنستا پاران 29/12 تي ڪوتا پاٺ لاءِ چيو. سنڌ مان شايع ٿيندڙ The Dawn ڪوتا پاٺ کي گهٽي سني Covering ڏني آهي، اها سني ڳالهہ آهي، ائين ٿيڻ بہ گهربو هئو، سنڌ مهمانوازيءَ جو ثبوت ڏنو، نيٺ انگريزي اخبار وڏيءَ ڳٽپ ۾ ٿي اَچي. ائين بہ جاڻايل آهي تہ وميءَ آخر ۾ ڪويتائون پڙهيون هيون ۽ ٻڌندڙن کي گهڻو متاثر ڪيو هئو، وميءَ جي ڪويتائن ۾ تازگي ۽ سادگي بہ آهي. ائين بہ لکيل آهي تہ وميءَ کان اڳ ليڪچر ڏنا ويا، ائين تہ لکيل ڪونهي تہ ڪو ٻيو شاعر بہ هئو، جنهن پنهنجو شعر پڙهيو هئو. ڪو شاعر هئو ئي ڪونہ. The Dawn کي ساندي رکيو ويو آهي، اها بہ ساراهہ جوڳي ڳالهہ آهي. اها بہ مڃيل حقيقت آهي تہ ومي ڏاڍو سهڻو ٿي لکي، ڪويتائون بہ سهج - ڀاوَ سان آهن، وميءَ جي شخصيت

بہ سرل ۽ دلڪش آهي، ڪوتا پڑهڻ جو انداز بہ سلوڻو ۽ دلفريب، ڪيس گهٽيون گهٽيون واڌايون، peace conference جو منهن مٿي ڪري آئي. وميءَ جون ڪويتائون اڻ ڇهيون آهن، جهول پرجي ويندو آهي.

اِجازت هجي تہ، 'شاهہ جي رسالي جا پارت ۾ ٿيل ترجما' تي بہ توهان سان جُهتِ پُٽ ڪيان. وميءَ هيءُ مقالو گنيپرتا سان، پنهنجي ڪوي من جي درشٽيءَ سان پرکي، لکيو آهي. لکي ٿي، ترجمن ۾ چڱيون اوڻايون ۽ ڪوتاهيون آهن.

'ان هندي ترجمي ۾ جي ٥٠ کن سنا بيت آهن تہ ڏيڍ سوکن بيت اهڙا آهن، جيڪي معنيٰ، ڀاو، ٻولي، عبارت، تهذيبي ڄاڻ، سوچ ۽ ويچار جي آڌار تي يا تہ ڪچا ڦڪا آهن يا مائِهين غلط آهن.' (Quote)

سوچون ٿا تہ واضع ٿو ٿئي تہ هرڪنهن ٻوليءَ جا ناز انداز، مرم ۽ ملهہ ڪجهہ ڀيا ڀيا آهن، نتائڻ ۽ مڃائڻ بہ پنهنجي ڍنگ رنگ جو آهي، ٻولين جي ڄاڻ سان گڏ ڪوي- من واري اچ اُسات بہ ترجمان وٽ هئڻ گهرجي. صرف تعليمدان هيءَ مامَر مشڪل ئي سمجهن. شاهہ سائين تہ اٿاهُ آهي، هرڪنهن وٽ هن مهان شاعر لاءِ آدر ۽ عقيدت آهي. اسان وٽ اُها معصوميت واري نيڪ ڀاونا ڪانهي، ڪروڙٿا ڪانهي. اسان کي اڄ جي دؤر جي نفرتن ۽ وارداتن پالي نپائي، سچو ڀينگو بڻائي ڇڏيو آهي. گيتانجليءَ جو ترجمو خود مها ڪوي ٽئگور ڪيو آهي، گهٽيون ڪويتائون آڌياتمڪ گيان ڏيان واريون آهن، اُها لهر ان دؤر ۾ يورپ جي ملڪن لاءِ نئين Fresh هئي. ٽئگور جون ٻيون ڪويتائون، ڪو ٻيو رس - پان ٿيون ڪرائين. شاهہ گهڻو مٿاهون آهي، شاهہ جي آڌياتمڪتا ڏسو :

ري ٿنڀي، ري ٿوڻين، تون ڇپر تون ڇانئِہ
ڪُڇاڙو ڪهانئِہ، توکي معلوم سڀ ڪي

ٻئي سٽون الڳ الڳ مضمون واريون آهن، ڪجهہ پري، پري، تہ بہ جڙيل آهن.

سڄڻ ۽ سانِهہ، ڪنهن اٿاسيءَ وسري

ان جي سوچَ لوچَ، آڌياتمڪتا، من جي تڙف پياسَ جو درشن ٿي ڪرائي.

الله جي آس ڪري، هليو هُئائين
چارڻ ٻڌا چنگ ڪي، جهورا ۽ جهائين

جهورا ۽ جهائين ڪهڙيءَ وياڪلنا جا چتر آهن. جهوري ۽ جهورا تہ ڳالهہ ساڳي، جهائين لفظ ڪي ڪير پرکي. ترجمو ڪندڙ چا لکي. چنگ چوريندڙ اڪثر ٿل ڦل، ڳانا ڳانيون، مٽيا موتي پنهنجي ساز کي ٻڌي سنواريندا آهن، سهٹو بڻائيندا آهن، ۽ ائين، موسيقيءَ سنگيت کي، سُرَ ۽ سازَ کي پنهنجو اِشٽ - ديو مڃيندا آهن، بيجل تہ پنهنجا وسوسا، ڳٽيون ڳارا ڪٽي، الله ۾ آسرو رکي، هليو هئو.

ومي چوي ٿي انگريزي ترجمو سنو ٿيو آهي. اَنجو ماڪيجا ۽ دلگير صاحب جهڙي اُستاد شاعر گڏجي ڪيو آهي. انجو ماڪيجا انگريزيءَ جي ماهر آهي، پر سنڌي ڪانہ ڄاڻي، دلگير صاحب سنڌي شاعريءَ ۾ وڏو نالو آهي، ان ڪري اهو ڪمال ٿي سگهيو آهي. (ارجن شاد ڪان بہ ان ڪم ۾ مدد ورتي ويئي هئي.) ڏنل صرف ٽن بيتن جا ترجما آهن، انُهن مان ٻن ۾ تہ اوٹايون آهن. پهريون بيت آهي، 'پائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان مار م مون / مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.'

with arrows in your bow, shoot me, but beware, my friend, you are within me, you may strike yourself

لڳي جو مطلب، نقصان پهچائي، strike بدران hram لفظ صحيح آهي.
you may hram yourself

ٽيون بيت آهي : سنهيءَ سُئيءَ سبيو، مون مارن سين ساههُ
ويڻي سارِيان سومِرا، گولاڙا ۽ گاهہ
هِنيو منهنجو هُتِ ٿيو، هِتِ مٿي ۽ ماهُہ
پکن منجهہ پساهُہ، قالب آهي ڪوٽ ۾

ترجمو صرف پهرئين ۽ چوٿين سٽ جو ڏنو ويو آهي، وچين ٻن سٽن جو ترجمو ٿيڻ، بيحد مشڪل ٿي پوي ها، دلگير صاحب ڏاهپ ڪئي آهي.

تيڻ گهرجي with a fine needle, my spirit is attached to Maroos سنهي لفظ لاءِ with a thin needle my spirit is sewed with Maroos Thin برابر آهي، fine جو مارئيءَ وٽ غريباڻي سادي سنهڙي سُئي آهي، غريبي ئي تہ مارئيءَ جو stauts آهي. سبڻ لاءِ بہ sewed لفظ برابر آهي، Attached لفظ چو. پوءِ بہ ومي چوي ٿي تہ ڪمال ٿيو آهي، پلي چوي.

ومي پاڻ چوي ٿي، Quote ’ترجمو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن ٻنهي ٻولين تي پڪڙ هئڻ سان گڏ، اصل لکندڙ جي سنويدنشيلتا بہ پڪڙي سگهي.‘ ’شاھ کي محسوس ڪرڻ بہ ضروري آهي.‘

شاھ جي شبد رچنا **سنهيءَ سُئيءَ سُبيو  مون مارُن  سين ساھ** تجنيسخطي Allitiration ۽ نرمل سياويڪ سادگي **پڪن منجھ پَساهُ، قالب** آهي **ڪوٽ** ۾ (مون مارن، منجھ، ۾) شاھ کي ترجمو ڪرڻ وارن شاھ جو نثر ۾ بہ صحيح نموني ترجمو نہ ڪيو آهي. **شاھ جي موزون شاعري آهي.** سچ تہ شاعريءَ جو ترجمو نہ صرف ڏکيو آهي، پر ممڪن بہ نہ لڳندو آهي، قافيا هرڪنهن ٻوليءَ جا، شاعريءَ ۾ جُڙيل هوندا آهن ۽ شعر کي رنگ بخشيندا آهن، ٻولين وٽ پنهنجو پنهنجو مزاجُ ۽ نفاستون آهن، ترجمان کي لاچارُ ٻٽائي ڇڏينديون آهن. ترجمي ۾ کلون ۽ ڪڪڙيون چوُسٽيون پونديون آهن، ٻوليءَ جو رسُ ۽ سَوادُ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ نٿو آڻي سگهجي.

نظماڻو نثر ڪويتائن جو ترجمو سوَلائيءَ سان ٿي تو سگهي، اُهي اڪثر Loud هونديون آهن، ڪويتائن ۾ ڪوتا کي ڳولهڻو پوندو آهي. ’اسان لڪ ڇپ راند پئي ڪئي‘ اِها سٽ، ڪوتا جا عڪس ڪٽي ٿي اَڇي. کهڙي لڪ ڇپ راند، هرڪو ڪندو آهي، پنهنجي موَج مزي مستي واري، راند سڄي عمر هلندي ٿي رهي. جنهن وٽ دل آهي، اُن وٽ راند بہ آهي. اکين سان ڪندا يا هٿ چُراند واري، رسڻ واري، منٿ سان مڃائڻ واري، نٺائڻ يا آزي نيزاريءَ واري. ڇڏيو يار توهان نہ سمجهندا، نعرا هڻو ۽ علامتون ڳولهيو، اِها ڪار آهي سياڻن جي، مست ملنگ ڪي ٻيا هوندا آهن.

ساحر لڌيانويءَ جو هيءُ شعر مونکي ايڪاگرتا ڏانهن وٺي ويندو آهي.

روان هئہ ڇوٽي سي ڪشتي، هوائون ڪي رخ پر
ندي ڪي سازپي ملاح گيت گاتا هئہ

پرڪرتيءَ جا انيڪ درشيہ آهن، انيڪ انيڪ معنائون، آدڪان حياتيءَ جي ندي، ملاحَ تون ۽ مان. ماٽ ئي ماٽ. پلي ترجمو ڪيو، convey نہ ڪري سگهندا. سنڌي موزون شاعريءَ ۾ بہ ڪيترا ڪيترا اهڙا شعر ملندا.

ٽانوَڪٽي تي گهمي ڪنيارڻ
جسم سچو ئي چيڪي مٽي

اڄ ڪلهہ ترجما گهڻا ٿي رهيا آهن. ساهتيہ اڪادمي بہ ترجما چاهي ٿي، Award بہ هر سال ڏئي ٿي. گهڻو ئي ڪجهہ ٿئي پيو سيني جو سواگت آهي، شڪرگذار آهيون، مستڪ ٿا نِوايون.

**68, Neel Kanth Bunglows -1,**
**Near Mother Dairy,**
**P.O. BHAT. Dist. - 382428**
**(Gujarat)**



## مبارڪُون

ڪٿڪ ۽ اوڊيسيءَ جي جڳ پرسڌ نرتڪار راڻي ڪرنا (جنم: 1939-03-11) کي ٧٥ جنم ڏينهن ۽ ڀارت سرڪار طرفان پدم شري عطا ٿيڻ تي.

# ٺاڪر چاولا
## .... رهيون هاڻي فقط آهن در و ديوار جون ڳالهيون

ٺاڪر چاولا سان ڄاڻ سڃاڻ اٽڪل ۵۰-۵۵ سال اڳ ٿي. ورهاڱي بعد اُهو اسان جي ڏولاون جو وقت هو. عمر ۾ مون ڪان سال اڌ وڏو هو. پوءِ به عمر جو سَنڌو لَڪا وارو ڪونه لڳو.

خبر ناهي ته ساهت جي چٽڻگ سنڌ ۾ لڳي هُئس يا نه. پر هِند ۾ جڏهن هُن سهڻي ماهوار مخزن ڪڍي تڏهن هُن کي اسان ’ٺاڪر چاولا آف سُهڻي‘ سان سڃاتو.

سُهڻي پارت ۾ شروع ڪيل ماهوار مخزنن ۾ وڏو نالو ڪڍيو. سندس پاڻ جيوت چاولا کي سنڌي ساهت لاءِ گهڻو پيار هو. شايد ننڍي پاڻ جو اثر هوس؛ جنهن سبب سندس چولي کي به چٽڻگ لڳي هئي، سو مان چئي نٿو سگهان.

اسين بيئي سرگردان، نوخيز اڻ آزمودگار. هوُ ڏنڌي جي ڳولهڻ ۾ پريشان ته مان نوڪريءَ جي تلاش ۾.

فورٽ ايراضيءَ ۾ هيري درياڻيءَ، پيسا وياج تي وٺي، هڪ ننڍي پريس ڪڍي. ٺاڪر به ڏِڪا ڏوما کائي فيروزشاه مهتا روڊ تي هڪ واچن جو دُڪان کوليو - ورائٽي واچ ڪمپني. هيري درياڻيءَ سان ملاقات ٺاڪر چاولا جي دُڪان تي ٿي. شايد هيري کي چوُ چاءِ يا سفارش ڪري ٺاڪر مونکي پريس ۾ نوڪري وٺي ڏني. روزگار ته مليو پر پگهار ڪان جواب. چي جڏهن ڪلائينٽس ڪان ڊائرين جي ڇپائيءَ جا پيسا ملندا، تڏهن پگهار ڏيندس. ڊائريون پريس ۾ ته ڇپيون ڪونه. ڪنهن ٻيءَ پريس ۾ درياڻيءَ ڇپائي ڪمپنين ڪان پيسا به وصول ڪيا، پر منهنجو پگهار نه مِلي نه مليو. منهنجو ڪم هو اُنهن ڊالن کي پرچائي واپس موٽائڻ. ها، ٻئين ٽئين ڏينهن درياڻي ايراني ريسٽارنٽ ۾ مونکي تازو نهيل گلاس ڪيڪ کارائي چانهه پيئاري، لاپنا ٿي ويندو هو. نه ٿي ڏينهن وري گم. ٺاڪر اَچي ششدر ٿيو. نوڪري به وٺي ڏنائين ۽ پگهار مون کي ملي ڪانه.

شڪر جو مونکي چيمبور جي سنڌ ڪاسماپاليٽن هاءِ اسڪول ۾ ماستري ملي ويئي. پگهار شايد سؤ به ڪونه هو. به ويلا مارواڙيءَ جي ريسٽارنٽ مان ڊبل روٽي ۽ پڪوڙا کائي پيٽ ۾ وجهبا هئا. ائين گذر ٿيندو هو.

نوڪريءَ تان ڇُٽي اَچبو هو ناڪر چاولا جي دڪان تي. داس طالب 'سُهڻي' مخزن ۾ 'ڪٽ ۾ منگهڻ' ڪالم لکندو هو. سوبه ڪاليج مان موٽي اَچي چانهه جو چشڪو وٺندو هو.

ناڪر چاولا منهنجي هڪ ڪمري واري گهر ۾ مون سان گڏ رهيو. سون ورني دل هُئس. جنهن کي اُڌارڪپندي هئي، تنهن جي ڊوڙ ناڪر تائين. اُها اُڌار ڪيس شايد ئي ڪنهن پلمانس موٽائي هجي؛ پرمان نه سنيران. ناڪر گهڻن جي مدد ڪئي. پنهنجيءَ هڙَ کي گاسو ڏيندو هو، پر هن ڪنهن جي شڪايت نه ڪئي.

ليڪن، شاعرن سان هُنَ وڏا وڙ ڪيا. هُنن جا ڪچا ڦڪا شعر، ڪهاڻيون ۽ ليک هن خوشيءَ ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچايا. هُن ٻاهريون نماءُ ڪري پاڻ کي سرخرو ڪونه ڪيو. سندس ننڍي ڀاءُ جيوت چاولا به ساڳيون وکون پريون. سهڻي ڪتاب گهرمعرفت هُن سئو سنڌي ساهت پڙهندڙن تائين پهچايو.

ڪلاڪارن، ساهتڪارن سان ناڪر جو لڳاءُ پڇاڙيءَ تائين هليو. رائيٽرس آر ٽسٽسر ويلفيئر فائونڊيشن، جنهن لاءِ ڪيس ساهت پريمين دل کولي مدد جو هٿ ڊگهيريو، تنهن معرفت گهرجائو ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن کي بيماريءَ سيماريءَ ۾ هن نه فقط مالي مدد ڪئي، سندن دوا درمل جا بل ڀريا ۽ ڪين اسپتال ۾ داخلا وني ڏني پر هُنن جي ويمي جا پريميم ڏيئي سهايتا ڪئي.

سيتا سنڌو ڀون جو منچ ڪلاڪارن جو منچ ٿيو پيُت، ساز، سنگيت جي محفلن ۾ فنڪارن کي پذيرائي ملي. ان ڪارج ۾ گهڻي ۾ گهڻي ساٿ ڪيس پنهنجي جيون ساٿڻ پارو چاولا جو رهيو.

ناڪر چاولا رڳو منهنجو يار ڪونه هو. هو هر ساهتڪار ۽ ڪلاڪار جو قدر ڪرڻ وارو قربدار دوست هو. مون ڪيس ويجهائيءَ تان ڏٺو. لا طمع، سادو ۽ سچو، شل جتي هُجي، شانتيءَ ۾ هُجي!

**B-33 Aaram CHS,**
**Vakola, Santacruz (E),**
**Mumbai - 400055**

## ايس. ڊي بصراڻي (جهوناڳڙه)

رچنا انڪ ۱۴۰ پهتو. سنڌي ساهتيہ جڳت جي پرتڀاشالي هستي هريش واسواڻيءَ جي دلڪش فوٽوءَ خاص ڌيان ڇڪايو. سمپادڪيہ ليک ۾ پروفيسر نامديو تاراچندڻيءَ هن ڀوڳيٽي شخصيت جي باري ۾ جيڪو لکيو آهي اُهو ڳاگر ۾ ساگر سمان آهي. پروفيسر هريش واسواڻيءَ جي اسان کي اڃا گهڻي ضرورت هئي - پلي لکڻ بند ڪيو هئائون، پر ڪٿي ڪٿي هڪ جهلڪ ملي سگهي ها ۽ هاڻي روبرو ملڻ جي خواهش پوري ٿيڻ جي اميد ختم ٿي ويئي آهي - جنهن سبب خوب دک جو احساس ٿي رهيو آهي - هن ڪامل اديب بابت رچنا ۱۴۰ - انڪ ۾ جن جن - جيڪو بہ لکيو آهي سڀ دل کي ڇُهي ٿو - سندس ڏيءَ شيفاليءَ جو ليک 'بچت کاتو بند ٿي ويو'، اَرجن حاسد جو 'ادب سان بيٺو آهيان' ۽ ٻين ليکڪن پروفيسر هريش واسواڻي بابت گهڻي ڄاڻ ڏني آهي - جن جن اديبن جا ليک هن انڪ ۾ ڏنا ويا آهن اُهي سڀ ادب جي هن مهان شخصيت جي خوب نزديڪ رهيا آهن. رتن آڏتاڻي جي هريش واسواڻيءَ تي لکيل ڪويتا بہ خاص ڌيان ڇڪايو آهي.

هريش واسواڻيءَ جي لکڻيءَ جي خوشبوُ سرحد جي هِن پار ۽ سرحد جي هُن پار بہ برقرار رهي آهي.

سائين اِندر پوجواڻي هڪ اهڙو شخس هو جنهن اُسرندڙن کي همٿايو ۽ سنڌي ادب ۾ هريش واسواڻي - اِندر پوجواڻيءَ جي دين آهي. هڪ ننڍي شهر بانٽوا جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهائيندڙ اِندر پوجواڻيءَ سنڌي ادب ۾ ٻيا بہ گهڻا موتي ڏنا آهن جن جو سنڌي ادب ۾ گهڻو يوگدان رهيو، اُنهنمان آهن هيرو شيوڪاڻي، تيرٿ چانڊواڻي - نروتم 'ساٿي - جي. ايم. کٽواڻي 'ڪمل' ۽ ٻيا. سنڌي ساهتيہ ۾ 'تنها' اندر پوجواڻيءَ جي دين آهي تہ 'نئين ڪويتا' هريش واسواڻيءَ جي دين آهي. ٻنهي پنهنجي اعليٰ ترين رچنائن سان سنڌي ساهتيہ کي خوب سنواريو آهي.

## جڳديش لڇاڻي (الهاسنگر)

'رچنا' جو ۱۳۹ انڪ پهتل آهي يادگيريءَ لاءِ شڪرگذار آهيان. ڪور تي ومي سدارنگاڻيءَ جو فوٽو وڻيو. توهان پراڻي پيڙهيءَ سان گڏ، نئين پيڙهيءَ

جي بہ همت افزائي پيا ڪريو، سٺي ڳالهہ آهي. ومي Deserves it. توهان جا سمپادڪي ليک سوچڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. وميءَ جون ڪوتائون وڻيون.

تنهنجو سوڙهو ٿيندڙ پاڪر
مون سمجهيو تنهنجو پيارُ
خبر ئي ڪانہ پيئي
ڪڏهن منهنجو دم گهٽجي ويو.

اچ جي ڪوتا ۾ آتم اظهار جو عناصر جهجهو آهي. واسديو موهيءَ جو اثر ارجن حاسد تي بہ ٿيو آهي گهاٽا يار جو آهن. 'ديش پتا' ڪهاڻي وڻي.

ڊاڪٽر ستيش جي ڪٽ، ومي سدارنگاڻيءَ جي 'سونهري رنگ جي ڪارڻ' ۽ 'سچ الائي ڪِٿي ڪِري پيو' عالماڻي آهي. 'رچنا' جو ملهہ مٿي ڪري ٿي. رچنا معيار قائم رکي ويني آهي. منهنجون شڀ ڪامنائون.

## بنسي خوبچنداڻي (ممبئي)

'رچنا' جو ۱۳۸ انڪ مليو. مهرباني. دوست ڀڳوان اٽلاڻيءَ جو ڪوَرپيج تي فوٽو ڏسي دل بيحد خوش ٿي. ڀڳوان اٽلاڻي نہ صرف سنڌي ادب جي شيوا ڪئي آهي پر هندي ادب ۾ بہ سٺو يوگدان ڏيئي هڪ سنڌي اديب پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي. هن صاحب ڪيترين سنستائن سان جڙي دل سان ڪم ڪيو آهي ۽ وري هڪ پيارو انسان بہ آهي. منهنجون ڀڳوان اٽلاڻي ۽ رچنا پريوارکي واڌايون.

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ کي ڀارت جي بهترين سنستا تسليم ڪري سنڌو پتي مهاراج ڏاهرسين سماروہ سمتيءَ ڀاران سهڻي شيلڊ ۽ اِنعام ملڻ تي منهنجون دلي واڌايون.

سنڌي ادب جي راه تي 'رچنا' جو يوگدان املهہ آهي. توهانجو لکيل ايڊيٽوريل هميشه وانگر Thought Provoking آهي. سائين هريش واسواڻيءَ تي لکيل توهانجي قدرشناسي بہ وڻي. مونکي ڪيترين ڳالهين جي خبر پيئي. شعر وڀاڳ ۾ واسديو نرمل جا ٽنها ۽ ڏيڊڪ وڏيڪ پسند پيا. ڀڳوان اٽلاڻيءَ جي ڪهاڻي توازن ۾ من جي اندرين ٿهن جي اوڪ ڊوڪ آهي. واسديو موهيءَ جي هند جي سنڌي ڪهاڻي (1980 to today) بہ ڏاڍي محنت ۽ لگن سان لکيل مقالو آهي. ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي موهن گيهاڻيءَ جي ڪتاب 'رڻ پٽ' تي ڪٽ بہ سٺي لڳي.

# Declaration Regarding Ownership & Other Details

## for **Sahit ain kala ji "Rachna"**

## FORM IV (Rule 8)

| | | |
|---|---|---|
| 1. Place of Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Ward 4A, Near Santoshi Mata Mandir,<br>Adipur - 370205 |
| 2. Periodicity of Publication | : | Quarterly |
| 3. Name of Printer | : | Shri Lakhmi Khilani, Director, |
| & Publisher | : | Indian Institute of Sindhology |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 4. Name of Editor | : | Shri Lakhmi Khilani |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 5. Owner of the Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Adipur - (Kutch) 370205 |

I, Shri Lakhmi Khilani, declare that the details given above are true to the best of my knowledge and belief.

Dated : 01-03-2014 Sd/- **Lakhmi Khilani**

PUBLISHER

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

Visit our upgraded website: www.RomanizedSindhi.org

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.

With Best Compliments from :

# CHHATLOK POONAM FOUNDATION

*Trustee*
**JATWANI FAMILY**

**Office :** 280 L. T. Marg, Ramchandra Building, 2nd Floor,
Opp. G. T. Hospital, Mumbai - 400 002.
**Hall :** Lok Hit Kutir Hall, 528 A/B 16th Road, Opp. B.P.M. High School,
Danda Road, Khar, Mumbai - 400 052.
Office Tel.: 22083278 / 22080351 HALL Tel.: 26045700
E-mail : loksons@bom2.vsnl.net.in

جَٽِيَنِ، شادي، چنڊ تي، ٿا ڀرانٽا ڪڍن،
هٿ ۾ ڏونڪا،تال تي، ٿا مستن جيان نچن،
نچندي ڇيڄ وجهن، سنڌي منهنجيءَ سنڌ جا.




*With Best Compliments from*

# Lal Hardasani

**G.P.O.Box 9991**
**Hong Kong**
**Tel No. (Off.) 852-2850 5666**
**Fax No. (Off.) 852-2851 7061**
**Mobile No. - 9092 7864**
**Email-lal@lals-insurance.com**

جُھمر خاص زالن جو ناچ آهي. فقط ڍولڪ يا ٿالھ جي تال تي. تال وٺڻ واريون زالون ٿالھ يا ڍولڪ بہ وڄائن تہ منھن مان سُرَ ۾ لاڏو يا سھرو بہ چون. زالن جو پيو جُھنڊ پيرا ڪٽي ۽ ڦيريون پائي. سنڌ جي جُھمر سونھن، نزاڪت، سُرَ ۽ تال جو ميلاپ آهي.

رام پنجواڻي





*With Best Compliments from*

# Notan Tolani

**P.O.Box: 95280 TST**
**15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd.T.S.T.,**
**Kowloon, Hong Kong.**

**Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009**
**E-mail : notan@solartimeltd.com**

Many are the ways that lead to God, -
many roads, many religions.

That which leadeth to God, - whatever
be the road man takes, whatever
be the religion he follows, - is
the simple path of selfless to
fellow-men and creatures.

When self is forgotten and man
lives only to bring happiness
to others, he is very close to God.

*Dada J.P. Vaswani*

**RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION**
**DUBAI**